# مهراڻ

۲/۱۹۸۷ع



ڪاشيءَ جو دلڪش ڪم (مسجد ڪامارو شريف)

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ

بسم الله الرحمن الرحيم

# علامه اقبال رح
## مشرق ۽ مغرب جي سيلاب جو نقطو

از:
جناب سيد غوث علي شاهه صاحب
وزيراعليٰ سنڌ

[سنڌ جي وڏي وزير، جناب سيد غوث علي شاهه هائيڊلبرگ يونيورسٽي (مغربي جرمني) جي ڏکڻ-ايشيا انسٽيٽيوٽ پاران سڏايل ”اقبال يادگار ليڪچر“ جي تقريب ۾ ٦-جولاءِ ١٩٨٧ع تي جيڪو مقالو پيش ڪيو، تنهن جو سنڌي ترجمو هيٺ ڏجي ٿو. هن تقريب ۾ دنيا جي چوند عالمن، مفڪرن ۽ اديبن علامه اقبال جي حوالي سان تقريرون ڪيون.]

مهمانان گرامي! خواتين ۽ حضرات، منهنجي لاءِ هيءَ وڏي اعزاز جي ڳالهه آهي ته مان اڄ اوهان سان اهڙي هنڌان مخاطب آهيان، جتان جي ماحول عظيم شاعر ۽ فلسفي علامه اقبال جي خيالن جي اوسر ۾ نهايت اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

هائيڊلبرگ يونيورسٽيءَ کي علمي دنيا ۾ سڄيا جي مرڪز جي حيثيت سان شاناٽي حيثيت حاصل آهي ۽ هن اداري پنهنجي تعليمي عمدگي جي اعليٰ معيار کي برقرار رکيو آهي. هيءُ اهو مرڪز به آهي جتي علامه اقبال خيال آپاريندڙ ۽ آتساهه ڏياريندڙ ڪيفيت سان مغرب جي سماجي، علمي ۽ شاعرائي روايتن ۽ فڪر سان لاڳاپي ۾ آيو.

هائيڊلبرگ ۾ اچوڪي يادگار تقريب علامه اقبال کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ منعقد ٿي آهي. اقبال، جنهن جو شمار موجوده صديءَ جي عظيم ادبي ۽ فلسفيانه شخصيتن ۾ ٿئي ٿو، سو انهن مثالي ۽ قداور شخصيتن جي قطار ۾ بيٺل نظر اچي ٿو، جن ۾ رومي، ثنائي، جامي-اسلامي دنيا جا عظيم شاعر- ۽ ڊانٽي، ملٽن، گوئٽي ۽ نٽشي پنهنجي عظيم مغربي روايتن سان نظر اچن ٿا. هڪ نمايان فرق بهرحال نظر اچي ٿو. اقبال مشرق توڙي مغرب جي فڪر ۽ فلسفي کان چڱيءَ پر واقف هو، جو ته کيس مغرب جي فڪر ۽ فلسفي کي پڙهڻ ۽ پرجهڻ جو موقعو مليو هو.

هر بن هيس جي لفظن ۾ ”اقبال جو لاڳاپو روح ۽ ذهانت جي ٽن مرحلن سان آهي. سندس شاندار علمي ڪارنامن جا سرچشما آهن: ڏکڻ-ايشيا ۾ اسلام جي عملي دنيا ۽ مغربي فڪر تيز رفتار لکنڊڙ ۽ فصيح مقرر جي حيثيت سان کيس اردو، فارسي، عربي ۽ انگريزيءَ تي وڏي دسترس حاصل هئي. کيس مشرق ۽ مغرب جي فڪر جي مختلف پهلوئن جي، پنهنجي لکيتن ۾ ترجماني ڪرڻ جي اهليت پڻ حاصل هئي“.

پنهنجي تعليمي دور ۾، برطانيه ۽ جرمنيءَ ۾ جيڪي به اقبال جا لاڳاپا رهيا آهن، تن کي وڏي اهميت حاصل آهي، ان ڪري انهن کي ڪنهن به طرح نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. سال ١٩٠٥ کان ١٩٠٨ تائين، هن ڪئمبرج ۾ فلسفي جي تعليم ورتي. ميونخ يونيورسٽيءَ کيس ساڳئي مضمون ۾ پي- ايچ- ڊي جي ڊگري ڏني. لنڪنس- ان مان هن بئرسٽريءَ جو امتحان پاس ڪيو. اهي سال، تربيتي نقطہ نگاهہ کان اقبال جي سوچ جي سرجڻ ۽ فڪر جي پختي ٿيڻ جا سال هئا. هن محسوس ڪيو ته سندس هم وطن، اخلاقي قدرن ۽ روحاني روايتن جي عظيم ورثي جي باوجود، جذبي کان محروم آهن. اهو منجهن گهٽتائي کيس نظر آئي. حالانڪ اهي خاصيتون ته پاڻ جديد تهذيب جي سچائپ ڪرائين ٿيون. اهوئي سبب هو جو علامه اقبال اسلامي فڪر جي سجاڳي ۽ احياء جي ضرورت کي بنيادي طور محسوس ڪيو.

اقبال جرمن فلسفي ۽ ادب سان پنهنجو گهرو لاڳاپو قائم رکيو. هو نيتشي جو وڏو مداح هو. هن وٽ جيڪو ”مرد مومن“ جو تصور آهي ۽ سندس پيغام ۾ مستقل جدوجهد ڪرڻ ۽ اختيار يا طاقت حاصل ڪرڻ بابت جيڪا نصيحت ملي ٿي، سا فڪري نقطہ نگاهہ کان نيتشي جي تصور جي قريب آهي. نيتشي کي ڇاڪاڻ ته مذهب جي ڄاڻ نہ هئي، جنهن جي هم گير اثر سان برائي کي روڪي سگهجي ٿو، ان ڪري آخرڪار، سندس ”فوق البشر“ نهايت سولائيءَ سان تنزل ڏانهن مائل ٿي، هڪ اهڙي راڪاس جو ظالمائو روپ ٿي پوي ٿو، جنهن سان هو پاڻ پنهنجو انت آڻي ٿو. اقبال وٽ ڪامل شخصيت جو تصور فوق البشر بابت نہ پر مرد مومن (سچو مسلمان) سان لاڳاپو رکي ٿو، جيڪو زمين تي خدا جو خليفو آهي، جنهن جي وفاداري الله سان آهي، پر جنهن جو روح، عبادت ۽ تقويٰ سببان اهڙي درجي کي رسيو آهي، جتي بظاهر ناممڪن به ممڪن ٿيو پوي.

اقبال جي نظر ۾ مذهب هڪ اهڙي قوت آهي، جيڪا دائم قائم آهي ۽ سڀ کي پنهنجي دائري ۾ آڻي ٿي. اها منفرد شخصيت، جنهن جي اقبال حمايت ڪري ٿو ۽ کيس وڏيڪ طاقتور ۽ موثر بنائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، تنهن جو ڪارڻ هيءُ آهي ته اقبال ان شخصيت کي اهڙي مقام تي ڏسڻ گهري ٿو، جتي پهچي هو الله جي ٻانهپ ۽ انسان جي خدمت ڪري سگهي.

اسان کي ھيءَ حقيقت وسارڻ نہ کھرجي تہ سڄي ايشيا ۾ اسلام جو مستقبل، اخلاقي ۽ سياسي قوت جي لحاظ کان، ھندي مسلمانن جي تنظيم تي دارومدار رکي ٿو."

خواتين ۽ حضرات، علامہ اقبال ڏکڻ ايشيا جي مسلمانن جي تقدير لاھڻ ۾ جيڪو ڪردار ادا ڪيو، سو ڪنھن کان بہ ڳجھو نہ آھي، ۽ ان ڪري ان کي ورجائڻ جي ضرورت نہ آھي. اقبال فقط شاعر نہ ھو ۽ رڳو فلسفي نہ ھو، ٻر ھن ۾ اٿاھ جذبو ھو، نوان خيال ھئا، جن سندس ڪلام ۽ پيغام ۾ ولولو پيدا ڪيو ھو. ڪيس پنھنجي دور جي ڄاڻ ھئي. ھو مسلمانن جي شاندار ماضيءَ کان واقف ھو ۽ ڪيس يقين ھو تہ مسلمانن جو مستقبل تاريڪ نہ آھي. جنھن ٻالھہ جي ضرورت ھئي سا ھيءَ تہ کين وري متحرڪ ڪجي ۽ انھن ۾ اھو جذبو جاڳائجي جيئن اھي پنھنجي خوداعتمادي ۽ سڃاڻپ حاصل ڪري سگھن. ھن سڄي قوم ۾ پنھنجي شاعري ۽ حڪمت سان روح ڦوڪيو ۽ ڪل ھند مسلم ليگ سان پانھن پيلي ٿي بيٺو.

علامہ اقبال جي وفات کي پنجاھہ سال گذري ويا آھن، ٻر سندس شاعري اڃان بہ گونجندي رھي ٿي. جيڪو خواب ھن ڏٺو ھو ۽ جيڪي اميدون ھن سانڍيون ھيون، سي پاڪستان جي صورت ۾ سچ ثابت ٿيون. تاريخ کيس عظيم شاعر جي حيثيت سان ۽ باعمل انسان جي حيثيت سان ياد رکندي. ھو اھڙو شاعر ھو جنھن ھڪ ولولہ انگيز شاعر جي جدوجھد جو تذڪرو لکيو ۽ ھو ھڪ اھڙو مدبر ھو جنھن شاعر جي تخليقي سوچ سان عمل ڪيو.

ھي آھي اقبال ـ دانشور، مفڪر، فلسفي، شاعر، تعميري خواب ڏسندڙ ۽ استاد، جنھن جي زندگيءَ ھڪ رنگ برنگي گنبذ وانگر وقت ۽ خلا جي اڇاڻ کي روشنيءَ جي لاٽ ٻنائي اڇلي ٿي.

ختم ڪرڻ کان اڳ، ھڪ ڀيرو وري اوھان جا ٿورا مڃان ٿو، جو اوھان مون کي عالمن جي ھن گڏجاڻيءَ کي خطاب ڪرڻ جو موقعو ڏنو، عزت افزائيءَ لاءِ شڪرگذار آھيان.

---



سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمن ۽ سنڌ جي ممتاز عالم علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب
کي، صدر مملڪت جنرل محمد ضياءُ الحق، يوم جمهوريه پاڪستان جي موقعي تي،
ادب جي شعبي ۾ سرانجام ڏنل سندس شاندار خدمتن جي اعتراف طور، ملڪ جو
اعليٰ سِول اعزاز، ”ستارهٔ امتياز“، ڏيئي رهيو آهي. (اسلام آباد: ٢٣- مارچ ١٩٨٧ع)

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو سه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ٣٦] [نمبر ٢

اپريل، مئي ۽ جون

١٩٨٧ع

چيف ايڊيٽر

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

نگران

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو

معمور يوسفاڻي

ايڊيٽر

نفيس احمد شيخ

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# مـهـراڻ

سنڌي ادبـي بـورڊ
اسٽيشن روڊ، ڄامشورو، سنڌ

The "MEHRAN", Quarterly
Vol: 36, No: 2, 1987.
[Established in 1955]

- An age old leading journal of scholarship in Sindhi language, acknowledged in all literary circles of Pakistan.
- Published by SINDHI ADABI BOARD for the development and promotion of Sindhi language and literature.
- Contemporary Creative literature, History, Civilization, Lexicography, Education, Music, Folklore, Archaeology and General Culture of Sind are the main topics of material usually published in this periodical.
- Besides translations of world literature are also presented.
- All correspondence about publication be addressed to:

Nafees Ahmad Shaikh
Editor 'Mehran, Quarterly,
Sindhi Adabi Board,
@ Jamshoro, Via: Hyderabad, Sind, Pakistan.
Tel: (0221) 71176

[سرورق: ڪاشيءَ جو دلڪش ڪم: مسجد ڪامارو شريف]
سلائيڊ: حسن علي عطار، سنڌالاجي.

خريداريءَ لاءِ خط و ڪتابت

مئنيجر بوڪ اسٽال
سنڌي ادبي بورڊ، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد (فون: ٢٤٢٦٤)

ساليانو چندو: ٧٥-٠٠ رپيا　　　　في ڪاپي: ٢٠-٠٠ رپيا

Printed & Published by Mr. Ghulam Rabbani A. Agro
at the Sindhi Adabi Board's Printing-Press, Hyderabad Sind.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

# گذارش

( ايڊيٽوريل )

## ”چيف منسٽرس ويلفيئر فنڊ فار رائيٽرس“

سنڌ جي علم دوست ۽ ادب نواز چيف منسٽر، جناب سيد غوث علي شاهه صاحب گذريل اپريل ۾، سنڌ جي اديبن جي ڀلائي ۽ بهبودي لاءِ ”چيف منسٽرس ويلفيئر فنڊ فار رائيٽرس“ قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو. ڪراچيءَ ۾، سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ڪيل جناب علي احمد بروهي جي انگريزي ڪتاب ”هسٽري آن ٽومب اسٽونس: سنڌ اينڊ بلوچستان“ جي پڌرائي جي موقعي تي سنڌ جي وزيراعليٰ صاحب اعلان ڪيو ته ان فنڊ لاءِ ابتدائي طور هڪ لک رپيا منظور ڪيا وڃن ٿا. هن صاحب سرنديءَ وارن ماڻهن کي اپيل ڪئي ته هن فنڊ ۾ هٿ ونڊائين.

وزيراعليٰ صاحب، نئين قائم ڪيل بهبود فنڊ لاءِ هڪ انتظامي ڪاميٽي جي تشڪيل جو پڻ اعلان ڪيو، جنهن جو سربراهه سنڌ اسيمبليءَ جو اسپيڪر هوندو، جڏهن ته قومي اسيمبليءَ جا ٻه ميمبر، سنڌ اسيمبليءَ جا ٻه ميمبر، ٻه اديب ۽ سنڌ جو ڊائريڪٽر ڪلچر ان جا ميمبر هوندا.

بعد ۾، ٣٠- اپريل تي، سنڌي ادبي بورڊ ۾ نئين تعمير ٿيل مسجد شريف ۽ جديد آفسيٽ پرنٽنگ پريس ۽ فوٽو ٽائيپ سيٽنگ مسٽم جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪنديءَ سنڌ جي وزيراعليٰ صاحب، چيف منسٽرس ويلفيئر فنڊ فار رائيٽرس جو تذڪرو ڪندي، اديبن ۽ شاعرن جي عظمت کي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ چيو ته انهيءَ قلندر صفت طبقي جي ڀلائي ۽ بهبود لاءِ اهو فنڊ قائم ڪيو ويو آهي.

جناب سيد غوث علي شاهه صاحب واضح ڪيو ته نئين قائم ڪيل فنڊ جو اهو هرگز مقصد ڪونه آهي ته ڪو ان سان اديبن جا ضمير خريد ڪيا وڃن، بلڪ ان فنڊ جو مقصد انهن لاءِ علاج معالجه ۽ ٻين سهوليتن جي فراهمي آهي. هن موقعي تي، هن صاحب اديبن کي مشورو ڏنو ته هو اسلام جي سربلندي، نظريه پاڪستان ۽ قومي يڪجهتي جي فروغ ۽ ملڪ جي استحڪام جي لاءِ پنهنجي قلم جي قوت استعمال ڪن ۽ قومي وحدت کي مضبوط بنائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن.

ادب سان بي حد دلچسپي رکندڙ ۽ سنڌ جي اديبن جي مسئلن کان باخبر دانشمند وزيراعليٰ سنڌ، جناب سائين غوث علي شاهه جي مٿين اعلان جي آجيان ڪندي، اسان سندن خدمت ۾ دل و جان سان مبارڪباد پيش ڪريون ٿا. سنڌ جي انتظامي تاريخ ۾ اهو پهريون موقعو آهي، جو اديبن ۽ شاعرن جي مسئلن جي اهميت جو ڀرجستو احساس ڪندي، سندن فلاح ۽ بهبود لاءِ، سرڪاري سطح تي هڪ ٺوس قدم کنيو ويو آهي، ان لاءِ سائين غوث علي شاهه صاحب بلاشبه سنڌ جي علمي حلقن ۽ عوام جي تحسين جو مستحق آهي.

# فهرست

## (الف) شاعري


۱- مخدوم طالب المولىٰ ۹
۲- شمشيرالحيدري/تنوير عباسي ۱۰
۳- امداد حسيني ۱۱
۴- تاج بلوچ/استاد بخاري ۱۲
۵- سليم گاڙهوي ۱۳
۶- مخدوم محمد امين فهيم ۱۴
۷- نوازعلي شوق/مظفر حسين جوش ۱۵
۸- عبدالقيوم صائب ۱۶
۹- شبير هاتف/محسن ڪڪڙائي ۱۷
۱۰- انور هالائي/ولي محمد وفا ۱۸
۱۱- اثر ناٿن شاهي/تاج جويو ۱۹
۱۲- احمدخان آصف مصرائي/ميرل جويو ۲۰
۱۳- احمد خان مدهوش/ ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ ۲۱
۱۴- ادل سومرو/اياز گل ۲۲
۱۵- سوز هالائي/مهر پروين ۲۳
۱۶- ج. ع. منگهاڻي/ذوالفقار سيال ۲۴
۱۷- پشپا ولڀ/واجد ۲۵
۱۸- رحيم بخش قمر ۲۶
۱۹- اسحاق راهي/اسد جمال پلي ۲۷
۲۰- مقصود گل ۲۸
۲۱- مختيار گهمرو/نظام زائر ۲۹
۲۲- مخدوم جميل الزمان جميل/ گل پرڙو ۳۰
۲۳- ساجد لعلپوري/بشير سيتائي ۳۱
۲۴- حليم سنڌي/ مير غلام الله خان ٽالپر ۳۲
۲۵- منير سولنگي/اميد خيرپوري ۳۳
۲۶- فضل احمد بچاڻي ۳۴
۲۷- غلام مصطفيٰ مشتاق/ محمد شريف طالب ۳۵
۲۸- ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي/ اختر درگاهي ۳۶
۲۹- عاصي عبدالواحد هڪڙو/ پريتم پياسي ۳۷
۳۰- راشد مورائي/نوشاد جوڻيجو ۳۸
۳۱- اشرف زمان پيرچنداڻي/ خليل عارف سومرو ۳۹
۳۲- وسيم/مجاهد راڏ ٽائي ۴۰

”گنج“ رسالو، جيڪو ميين اسماعيل سن ١٢٠٧ هجري ۾ لکايو يا ٻيا جيڪي آڳاٽا رسالا آهن، تن ۾ ڪلياڻ ڀيرين رکيل ڪونهي ۽ اهو ته رڳو راڳ جي سهوليتن خاطر گذريل صدي جي وچ ڌاري شروع ۾ ڪري رکيائون. ڪهڙو ڪلام شاهه صاحب اڳ ۾ چيو ۽ ڪهڙو پوءِ، ان بابت هيءَ ڳالهه سمجهڻ ضروري آهي ته ڀٽائي صاحب هڪ هڪ سُر ڪونه ڳاهيو. ڀاڻ هر موقعي سان بيت چوندا هئا. جيڪو موضوع سندن ڌيان ۾ هوندو هو، جن تي گفتگو ٿيندي هئي، تن بابت بيت چوندا هئا. البت سندن فڪر جي لحاظ سان اسان وڏي غور ڪان پوءِ ائين چئي سگهنداسون ته هي سُر يا هي بيت سندن حياتيءَ جي ڀيرين يا پوئين دور جا آهن. انهيءَ نقطهٔ نظر کان جڏهن اسان فڪر جو تجزيو ڪنداسين ته ڪنهن حد تائين خبر پوندي ته ڪهڙو ڪلام اڳ جو يا پوءِ جو آهي. اڳين فقيرن رسالي ۾ سر سسئي اڳ ۾ رکيو، ڇاڪاڻ جو اهڙي هڪ روايت آهي ته شاهه صاحب سسئي تي اول توجهه ڪيو ۽ گهڻو توجهه ڪيو. سسئي بهرحال ڳولا واري منزل تي آهي. سهڻي آخري منزل تي آهي، جڏهن پاڻ وڃائي وڃي پريءَ سان ملي. فڪر جي لحاظ سان سر سهڻي جڻ آخري سُر آهي. اهي علمي نتيجا آهن، باقي ڀٽائي صاحب سان اسان مان ڪو گڏ ڪونه هو ۽ نه ڪو ڀٽائي صاحب پاڻ ئي پنهنجا سُر هڪ هڪ ڪري ويهي لکيا ۽ سمجهايا ته ڪهڙا اڳ جا ۽ ڪهڙا پوءِ جا آهن.

[بشڪريه: ريڊيو پاڪستان، حيدرآباد]



# شاعري

"ڪنهن بہ قوم جو علم ادب، سندس تاريخ جي جدا جدا عرصن موافق، سندس خيالن ۽ جذبن جو آئينو آهي. ڪنهن بہ خاص عرصي جي تاريخ معلوم ڪرڻ لاءِ اسان کي پهريائين ان عرصي جي علمي خزاني کي کولڻو پوي ٿو. سن ۽ حقيقتون تاريخ جو فقط بوتو ئاهين ٿيون، پر انهن جي رڳن ۾ روح تڏهن پوندو، جڏهن سندس ادبي تاريخ جو ذخيرو موجود هوندو، جنهن جي رستي اسان کي خبر پوي تہ قوم جي قديم فردن جا ڇا خيال ۽ جذبا هئا. سندن علم جي مراد ڇا هئي، ۽ سندن رهڻي ڪهڻي جا ڪهڙا سرچشما هئا. مطلب تہ هر ڪنهن قوم جي هستي سندس علم جي ذخيري تي مدار رکي ٿي.

افسوس! اڍائي هزار ورهيہ گذري ويا آهن تہ سنڌ جي تاريخ ۽ علم ادب تي ڪو بہ توجهہ نہ ڏنو ويو آهي، موجوده وقت ۾ ڪي قدر ڪوشش انهيءَ باري ۾ ورتي ويئي آهي، پر اڃا تائين ڪو اهڙو معقول نتيجو ڪونہ نڪتو آهي ۽ ڪنهن بہ پوري روشني نہ وڌي آهي. سنڌ جي تاريخ ۽ علمي خزانو هڪ پوريل دفتر ٿي رهندا، جيڪڏهن هرڪو فرد ان جي کوجنا ڪرڻ ۾ بهرو نہ وٺندو. سنڌ کي هڪ عاليشان تاريخ ۽ علمي خزانو آهي، جو اسان جي اڻجاڻائيءَ ۽ وڏن جي لاغرضائيءَ ڪان ناس ٿي ويو آهي ۽ جي هينئر بہ اسين پنهنجيون اکيون بيپرواهيءَ ۽ نيم خوابيءَ کان نہ کوليندا سون تہ انهيءَ تاريخ جا رهيل کهيل آثار بہ آهستي آهستي ناپديد ٿي ويندا."

— شمس العلماء ڊاڪٽر دائودپوٽو رح

## مخدوم محمد زمان "طالب المولي"

●

منهنجي ڪتابِ زيست سنڌي ترجمان جو خير،
محبوبِ رشڪِ مهر مٺي مهربان جو خير.

تارِ نگاهِ يار گرفتار خوب ڪشو،
جنهن ۾ پڌل مان آهيان تنهن ريسمان جو خير.

هن جي اچڻ سان جملي شگوفا گلن لڳا،
تن قهقهن جو خير، گلستان جو خير.

عاشق جي انگبينِ محبت تي سؤ سلام،
هردم هجي اي دوستو مهرِ بتان جو خير.

منهنجي "صباحِ (١) خير" جا جملا هي خوشگوار،
"خمخاني جو، صراحي جو، پيرِ مغان جو خير".

مينا جا ٽهٽها پڌي ٿا خنده زن قدح،
تنهن اهلِ ميڪده جي هجي گل فشان جو خير.

جنهن حسنِ بدگماني کان ڪم ورتو لاجواب،
مون ۾ ڪهين حسين سان گڏ بدگمان جو خير.

رازِ درونِ پرده جي الله کي خبر،
هر روز خير، ماه جو، سالِ روان جو خير.

مولا تون پنهنجي "طالبِ مولا" جو پڌ عرض،
خوش بخت نوجوان "خليق الزمان" جو خير.

---

(١) گڊ مارننگ=صبح بخير=سهڻو صبح وغيره.

## امداد حسيني

### ڪينجهر ڪينن نہ هندورو ٽيندي!

ايندي ايندي
سنڌو سنڌ سڏيندي ايندي
چوڏس گل چڏيندي ايندي

ڇير ڇمڪار ۾ چرڪائيندي
دروازي کي کڙڪائيندي
ساروڻن کي مرڪائيندي
ايندي ايندي ايندي ايندي
ٽار ٽار تي ٽِلَ ٽاڪيندي
ايندي ورڪنجهي واڪيندي
ايندي وڻراهون واسيندي
ايندي ڏيهہ مبارڪ ڏيندي
”لاڙ“
”سري“
۽ ”وچ“
ڪان ٽيندي
نورا پاڻي لچندي ايندي
ايندي
ايندي
گهُلندي هير آتر جي ايندي
ٽيندي
ٽيندي
ڪينجهر ڪينن نہ هندرو ٽيندي!

### ڪافي

مُند وري،
تون نہ وري،
آءُ وري
تنهنجي ڏسڻ لاءِ هوو... نيڻ سڪن ٿا
تنهنجي ٻُڌڻ لاءِ هوو... نيڻ سڪن ٿا

جيئن تو تاڙو مينهن لاءِ تاڙي
آءٌ ٻہ تولاءِ ايئن آلا ڙي
تنهنجي سري،
منهنجي آلان،
ڪاڻ سري
تنهنجي ڏسڻ لاءِ هوو... نيڻ سڪن ٿا

تو بن سانول ساوڻ ڪوڙو
ساوڪ آهي جڻ سوڪهڙو
بوند وني،
باهہ ٻري،
ڪاڻ ٿري
تنهنجي ڏسڻ لاءِ هوو... نيڻ سڪن ٿا

ڏينهن ڏنگي تو رات رٺاڙي
واڳ وري ڪا وار الا ڙي
يا تہ وري،
موڪل ڪا،
زهر ڏري

توکي ڏسڻ لاءِ هوو... نيڻ سڪن ٿا
توکي ٻڌڻ لاءِ هوو... نيڻ سڪن ٿا
مند وري،
تون نہ وري،
آءُ وري!

## تاج بلوچ

●

دل ڏکويل ۽ اشڪبار جا رنگ،
منهنجي بيدرد غمگسار جا رنگ.

هُو جي مرڪي تہ زندگي جاڳي، نند ڪي ڏي نوان خمار جا رنگ.
هُن بسنتي لباس ڇا پاتو، اک اک ۾ ڪِڙيا بهار جا رنگ.
ساٿ، چانڊوڪي، هير ۽ خوشبو، هي سمورا ئي منهنجي يار جا رنگ.
گل هوا جي صليب تي لٽڪي، ڇا تہ بخشي ويا قرار جا رنگ.
تون نہ آهين تہ منهنجي جان غزل، اوپرا ٿا لڳن بهار جا رنگ.
درد وارن جا قافلا نڪتا، ڪو ڏسي روءِ شهريار جا رنگ.
خامشيون، پُر خيال سرگوشيون، هي ڏکوئن جي اضطرار جا رنگ.
تاج، تشنہ لبي ڇڏيو ماري، وري نہ ڏسجن ها بادہ خوار جا رنگ.

## استاد بخاري

●

ڏُکان ٿو هوائن جي هاسي هنيان،
اڏرندڙ زماني جي ٻاڇي هنيان.

افق اوت وٽ روز ڳاڙهي شفق،
پتو ناهہ ڇا آهي پردي هنيان.

هُتي پوءِ ٿي روز هُتجي ڪري،
ڏسو، ڪير ٿو ڪِس پڪڙي هنيان!

ٿڌي مينهن جي پوند، بنياد باقي،
تہ ڇا، ناهي ڪا آگ ڳوڙهي هنيان؟

اکيان ڪو هلي، ماڳ ماڻي، ميجون،
هلي وهندو اندو بہ هني جي هنيان.

ملن مٿن بخاري نہ ٿيسان مطمئن،
مُني عمر گذري آ، ماسي هنيان.

## عبدالقيوم صائب

●

سونهن جا دريا وهن ۽ پيار جون پڙيون ترن،
رات چانڊوڪي هجي ۽ روح رچنديون يار ڪن.

نقش تارن جا نظر پائيءَ مٿان جيئن ڪي اچن،
تيئن ڪنول ڪي لاڏ مان، تن ڪي چمي جهومي اٿن.

ماڪ پئي وسندي رهي، دل پئي ڪڙن، وڻ پيا ٽڙن،
زندگيءَ جي تازگي محسوس ٿئي، اندر ڇڻن.

گلبدن آهي ڪٿان پاهر اٿين وڃن نڪري ڪ ڇڻ،
مشڪ جي هٻڪار تي بد مست آهوئي ختن.

سرخوشيءَ مان رقص ۾ رهندي اچي خود ڪائنات،
چنڊ آپ ۾، گل چمن ۾، مور نت اتر ۾ لڇن.

سوملون ۽ سوملون سڀ حسن و حرفت جون نقيب،
راڄ راڻا حسن و حرفت تي سدا غالب پون.

ڪنهن جي ڪنهن جي لرڙ تي چمڪن ٿا سجدن جا نشان،
نقشِ پا تي ڪيئن نه جهڪندي انجمن جي انجمن.

حور جنت جي هجي يا قاف جي ڀڄڻ پري،
محب جي سامهون اهي پاڻي پري ڪيئن ٿيون سگهن.

مئي پرستن ڪي ڏين اهل خرد ڇا جي ميار،
پروسو پيرِ مغان تي مٿهل سارو ڪن نه ڪن.

ناهه مقتل جي ضرورت، ڏس ته صائب ٿئي ڏو ڇا،
شهر وارا پاڻ ڇائي، وات ويندي پيا ڪُسن.

## شبير هاتف

### قطعات

آئون ساڳيو گدائي بوسهء لب،
منهنجون آهن گذارشون ساڳيون.
تون به ساڳيو سخاوتن جو بحر،
تنهنجون ڪهرجن نوازشون ساڳيون.

مون ڏٺا آهن جهان ۾ حسن وارا بيشمار،
ڪن تان چانڊوڪيون فدا ڪن تان فدا رنگِ بهار.
ڪن ۾ هَرين جا مهانڊا، ڪن ۾ حورن جا نشان،
پر مٺي محبوب جي هڪڙي ادا تان سڀ نثار.

ڪالڪن جي ڪانءُ ۾ ڪوئل نه ڪوڪندي،
چپرا هجن ته باغ ۾ چيها نه چهڪندا.
آداب گلستان ۾ هي ترميم ڪئي اٿئون،
بلبل نه ٿيندي نغمه سرا، گل نه مرڪندا.

## محسن ڪڪڙائي

●

ڪنهن جي سنگت ساءُ ڏنو هو،
آٿت، آدرڀاءُ ڏنو هو.

مون ته ڪُٺن جي ڳالهه ڪئي پئي،
ڳوناٿن ڳالهاءُ ڏنو هو.
ڪنهن جي ڪهايل ڪُهور مون کي،
ڪيڏو ڪهرو گهاءُ ڏنو هو.
نفرت ٻارڻ ٻاريا هئا،
پريت وڏو پڇتاءُ ڏنو هو.
سَچ جي ڳولا، سُونهن جي ساڃهه،
سَنڌ سَنڌ کي سوداءُ ڏنو هو.
سَچ ڪٿي هو، "بينو نچ"،
سَچ ته ڏُک، ڏولاءُ ڏلو هو.
ياد نه آهه ته "محسن" ڪنهن کي،
ڪڏهن به ڪو ايذاءُ ڏنو هو.

## آثم ناٿن شاهي

●

نہ ڪو سنڌ ۾ آيو، نہ ڪونجيو پڙاڏو،
رڳو ٻور ٻولارُ ڏسجي ٿو اڏو.

هٿين خالي، هيڪل، جيئن جنگ ۾ مون،
ڏنو آ سدائين ٻيرڻ سان مُهاڏو.

جي ڏاڍا هئا، تن حق منهنجا ڦٻايا،
هئو هونءَ تہ سيني جو هڪڙوئي ڏاڏو.

لڳي ٿي ڪا سازش مونکي ۽ ڪهاوت،
سياڻن جو لئي ٿو ڏُکو ٻاڏو ٻاڏو.

هُجي موقعو مرثيي جي لکڻ جو،
تہ ڪيئن سائيو! سان لکان ويهي لاڏو؟

چيتر ري ۽ پيو گهر ۾ هوندن ڇا ’آثم!‘
ڪٽيي ۽ ڪَرُنِي جو ڪنيو جن ڪُراڏو.

## تاج جويو

●

ڏات ڪويل! ڪُوڪ ڪوڪِ،
آءُ! ڪوتا ڏارَ تي.

آيُ آرتو سوچ جو، ڳاءِ! ڏڻَ ملهار تي.
ياد جون تليون وکيون، اڄ ٻرينءَ جي پارَ تي.
خيال جا ٻوٽا اڏيا، ڇير جي ڇمڪارَ تي.
نيڻ ڪيئن ڀُوتيان، ڏسيو! ٻونءِ جي ٻاڪارَ تي.
ڪو تہ ياري قرضُ آ، تاج! سرجٿهار تي!

## اَدل سومرو

### گيت

مان ڳائڻ ٿو چاهيان،
ٻڌائڻ ٿو چاهيان.
ته مان تنهنجو آهيان،
ٻئي ڪنهن جو ناهيان.

لڪي شان چاهيان،
لڪي مان چاهيان.
فقط تنهنجو خادم،
سڏائڻ ٿو چاهيان.
مان ڳائڻ ٿو چاهيان.

دليا ڳان منڙا!
ڏجان ڪين ٿو مان
لڳي ٿي پيار تنهنجو.
لڪائڻ ٿو چاهيان،
مان ڳائڻ ٿو چاهيان.

ڏکن ۾ سُکن ۾،
مان پنهنجن پکن ۾.
تو سان نينهن پنهنجو،
نڀاهڻ ٿو چاهيان،
مان ڳائڻ ٿو چاهيان.

## اياز گل

### وائي

عشق اسان جو آرسي،
ٻئو لوڪُ سڄو.

جڏهن ٻه مان سچ سان.
آهي ليڇ ڳنڍي،
ٻئو لوڪُ سڄو.

جاڳندي جو خوابُ آ،
تُنهنجي مُنهنجي زندگي،
ٻئو لوڪُ سڄو.

درد پرائيندين پرين!
مون سان وات رکي،
ٻئو لوڪُ سڄو.

ڪيئن ليڪائي سگهبي؟
خوشبوء ۽ خوشي،
ٻئو لوڪُ سڄو.

سوز هالائي

●

روز جنهن جاءِ تان گذر آ٘ي،
تنهنجي گهر جو آتاهين در آهي.

تو ڏسي در کي بند ڪري ڇڏيو،
تنهنجي دل آهه يا پٿر آهي.

مان اڪيلو هجوم ماڻهن ۾،
ڪيترو اوپرو شهر آهي.

مان اچا پيءُ گهڻو روئي سگهندس،
منهنجي ليکن ۾ جام جَرُ آهي.

جنهن ۾ ڪوئي نہ آيو ڪن پل لئہ،
من تہ ڪو انتظار گهر آهي.

سحر پروين

## ڪافي

پياري پرينءَ کي پوڪاريان پئي مان،
سڄڻ يار کي نت لهاريان پئي مان!

جدائيءَ ۾ تنهنجي ڪئين ڏينهڙا لنگهي ويا،
جدا تنهن کان رهندي، وڇوڙا ونگي ويا،
سدا سات ان جي کي ساريان پئي مان.

سڄڻ يار سنبهي سفر ويا سويلا،
سوا تن جي گهارڻ پيا ڏينهڙا اڪيلا،
هنجهون هجر ۾ روز هاريان پئي مان.

وڇوڙي ۾ گذري ويا ڪيئي ويلا،
ملن محب مشفق ٿين موٽي ميلا،
دلاسن سان دل کي ڏتاريان پئي مان.

## ج.ع سنگهاڻي

●

ديپ ٻاري ساهه جا سڀ سرسلا جاري رکون،
ٻاٽ ۾ ڪا واٽ ڳولي ڏيندو ناهي ڪوئي رڻ.

ٻاڻ پنهنجي سوچ تي ڪو ٻاڻ ئي چاري رکون،
ديپ ٻاري ساهه جا سڀ سرسلا جاري رکون.

موتئي جي مهڪ جهڙي سونهن سڀ ساري رکون،
مان ڪنهن موقعي تي ميلاپن جو ملي ٽير ٽڻ.

ديپ ٻاري ساهه جا سڀ سرسلا جاري رکون،
ٻاٽ ۾ ڪا واٽ ڳولي ڏيندو ناهي ڪوئي رڻ.

## ذوالفقار سيال

●

وري ظلم جي انتها ٿي وئي آ،
وري ڪربلا ڪر موڙي اٿي آ.

وري حق چوڻ تي لڳو آهي پهرو،
وري ڪا سسي سچ واري وڍي آ.
وري ڳوٺ جا ڳوٺ ميسارجي ويا،
وري تير نيزي جي ٻازي لڳي آ.
وري يار معصوم رستن تي رليا،
وري لانيڊ لاشن جي ڏاڍي وڏي آ.
وري آئي خوشبوءِ لهو آهي وکريو،
وري ڪنهن انڌيري جي چادر ڪڍي آ.
وري ونگ وحشي وجهن لوڪ تي ٿا،
وري بيگناهن تي ڪاوڙ متي آ.
اوهان وٽ ڪائي چانو هوندي ته هوندي،
اسان وٽ اجا ذلف هي ڏرتتي آ.

پشپا ولڀ

## مان چاهيان ٿي...

منهنجون همدرديون
منهنجون وستيون
منهنجي هڙ ۾ جيڪي خوشيون آهن
دليا جي اهڙن ماڻهن کي مِلن
جن جڏهن خوشيون پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي
ته آهي ڪنهن منچلي پوپٽ وانگر
ٻئي ڪنهن سُندر گل تي وڃي ويٺيون
جن هميشه گُلن جا سپنا ڏٺا
رتو رت پنهنجا هٿ ڪيا
جڏهن جڏهن محبت ڪيائون
زخمي پنهنجي دل ڪيائون
منهنجي حصي جون سڀ خوشيون
منهنجي حصي جا سڀ گُل
منهنجي حصي جون سڀ محبتون
شل انهن کي مِلن.

واجد

●

ٽڪيو ٽڪ وڃن،
وٽيو وڪ وڃن.

ڪهن جي ڪيرو، ڪٽيو ڪک وڃن.
او تيندي، اڳرا، ڀريو مک وڃن.
فرهبي، ڦورڙو، ساڙيو سک وڃن.
هيرن تي هيشي، لاهيو ڀک وڃن.
ڳولائو ڳڻ جا، متيو جک وڃن.
آءُ پڻ اوڏانهن، جيڏانهن وڪ وڃن.

## الحاج رحيم بخش "قمر"

آئـي رُت بسنت جـي، جنت ٿي سڀ جـوءِ،
اچي خوب عجيب جي، بـاغـن منجهان بـوءِ،
راحـت ڏنـي روح کـي، رحـيـم بخش روءِ،
کـڙيـا کـري کـوءِ، غُـنـچـا گلستان ۾.

غُـنـچـا گلستان ۾، ٽـاريـون اڄ ٽـهڪن،
ڏاڙهون، انب انـگوريا، مکڙيون پڻ مهڪن،
سڄڻ تيئن ساريـان گهڻو، جيها جيئن چهڪن،
پـوتـا سـڀ ڦـهڪن، آئـي رت بسنت جـي.

آئـي رُت بسنت جـي، ساوڪ ڪئي سرهاڻ،
ميلو ٿئي محبوب سين، هـهـڙيءَ رت ۾ هاڻ،
رحيم بخش رهاڻ، ٿئي ڪاش! قـريب سين!

گل ٽـڙيا، غنچا ٽـڙيا، ٽـڙيا انـب انـگور،
واحـد، رب غـفـور، موتي ٿاهيا ماڪ مان!

گل ٽڙيا، غنچا ٽـڙيا، ٽـڙيا ڪنول ڪثير،
سڪا وڻ سـاوا ڪـيـا، قـادر رب قـديـر،
ٿيو ساهه سُڌير، ڦـريـن آيـو ڦـيـر ڦـري!

کـڏ جـي گلستان ۾، ڪريـون روح رهـاڻ،
گـل، ڦـل، غنچا ٽڙيا، ساجـن ساوڪ ساڻ،
ساوڪ ۽ سرهـاڻ، "قمر" ملهايون قـرب سين!

پلي رُت بسنت جي، ساوڪ جنهن ۾ سونهن،
ڪريون اڄ "قمر" چئي، وڻ وڻ هيٺ ورونهن،
دور دلين تان دونهن، وهلو ٿئي وصال سين!

گـُل ٽـڙيا، غنچا ٽـڙيا، جيها چـکن چـاش،
ميلو ٿئي محبوب سين، "قـمـر" چئي ڪاش،
ههڙي رُت ۾ ڪاش، کڏجي رهون گلستان ۾.

# مقصود گل

•

ڪيڏو سستو سودو مون سان ٻار ڪري ويو آهي،
پنهنجا درد ڏئي هو مون کان چين کسي ويو آهي.

ڪيڏو ويچارو ٿي جڳ ۾ گهاريندو سو هوندو،
ٻار، جنهن جي ماءُ کي پيو ور ڪنوار ڪري ويو آهي.

پين جا درد رهائي دل ۾ ڪيئن ٿو ٻهڪي ويٺو،
سچو شاعر پنهنجي دل جا گهاءَ ڀري ويو آهي.

اولاديءَ جي دل تي ڏڙڪي ٽاري لاٽ ڪئي آ،
ٽانڊائي جو ٽڪو هن جو هاڻ ڦٽي ويو آهي.

آسرو لڌ تي ويهه نه ڪنهن لئه ٻيهر پٽاري پورا،
منزل دور اڃا ئي ڪافي وقت لنگهي ويو آهي.

هيءَ فضا ۾ اڇا ٻج ٽا ڇاجي ڪاڻ اڏامن؟
سوچي ڏس تون يار ڪبوتر، ٻاز جهٽي ويو آهي.

پين تي ويساکاتي جو چڱو ڪهڙو ڏوهه ڏيون جو،
پنهنجو هٿ ئي پنهنجي واتان جيب ڪٽي ويو آهي.

ٻي ٻاڙيءَ ڏس ٻاڙن واري وڻ جو ساهه سڪايو،
ٻي بنيادو ڏسجو ڪيڏو ساهه ڀڃي ويو آهي.

لينڪر ٽيلي ٻاري آهي بجلي ڪونهي ڪڙڪي!
ڇو اونده جا پربت تنهنجو ساهه ڇڏي ويو آهي.

نفرت جا هٿ ڪيڏا ڪيئي، الفت جا "گل" ڪونهن،
ڪانڌيري جو ٻچ ڪو گهر گهر منجهه چٽي ويو آهي.

## مختيار گهمرو

●

ياد ٿي هڪڙي دفعي تو هو چيو،
”ڏس ڀرين آ پيار تنهنجو ڪيترو.“

مون چيو، ”منهنجا مٺا ڪاٿو نه آ،“ — ”ڪير ڌرتيءَ جو ڪڇي ايندو تِرو.“
”چنڊ ڀڪائي؟ ڏس ڪٿي چڙ هيترو،“ — مون چيو، ”هالار آ جيڏو ڳرو.“
چو ڀلا اڄ فلسفو ڇوڙيو اٿي، — مون چيو، ”آ سمنڊ جيڏو ويڪرو.“
تنگ ٿي پاسي ڪيو منهن تو ڀرين، — جڏهن ته ٿي وئين منٿ پر تون اوپرو.
روپلي جو چاهه. ڌرتيءَ سان ڀلا، — مون چيو، ”مون کي مٺو آن اهترو.“
مرڪ تنهنجا چپ چميا جلدي ڀرين، — جڏهن صبح جو ويو ڀڪڙجي سوجهرو.
ڀل ڪندا ڪوئي وڇائي راهه ۾، — پيار جو چنڊنو نه آهي ڀچرو.
ويسلو ٿي ويهڻو ناهي مٺا، — ڀند آ ”مختيار“ ٿورو ڀريرو.

## نظام زائر

●

گل چو زخمي آهن،
هي پي شايد ڀريمي آهن.
ڪنهجي ڪنهجي ڳالهه ڪيان مان،
سڀ جا سينا چلني آهن.
ڪير مري ٿو ڪنهن جي خاطر،
ڳالهيون سڀ هي رسمي آهن.
شاهه سچل جي شعرن پدران،
ڪيت اسان وٽ فلمي آهن!
جن کي چاهي هرڪو دل سان،
اهڙا ماڻهو لڪيل آهن.
دل جا صاف ۽ سادا ماڻهو،
دنيا لئي دلچسپي آهن.
”زائر“ تن جو يار نه ڪوئي،
هوندا جيڪي شڪي آهن.

## فضل احمد بچاڻي

مان نہ چاهيندس ڪڏهن
ٻن پريمين جي سچي ميلاپ ۾
ڪا رڪاوٽ، ڪي سنڌا ڪي سرحدون پيدا ٿين
مون کي نفرت آهہ ان دستور سان.

مان نہ چوندس پيار اهڙي پيار کي
جو بدلجڻ ۽ مٽجڻ جي لاءِ هڪيو حاضر هجي
وقت سان ماحول سان حالات سان
رنگ رخ انداز بدلائي ڇڏي.

پيار هڪ اڻ ميٽ نشاني ٿو هجي—
بي خطر بي خوف ۽ بيباڪ مستحڪم نشان
ٻيڪنڊڙ ٻيڙن جو سونهون
اوڙڪن کان بي نياز
ڪو ڪٿي ان جي بلنديءَ تي رسي
پيار جي مُلهه کان مگر ڪوئي بہ ناهي آشنا.

پيار ناهي وقت جو ڪو ڪاٺ پتلو مسخرو
جو زماني جي اشارن تي نچي
ها، ڪڏهن ڪي گلبدن گلرخ گلابي صورتون
وقت جي پرڪار ۾ اڙجو وڃن
وقت ڪن ڳاڙهن ڳلن ڳاڙهن چپن مان رت وهائي ٿو وڃي.

پيار، ورلو وقت جي تقسيم سان
مختصر منٽن ڪلاڪن ۾ نٿو ورچي هلي
موسمن وانگر نٿو صورت مٽي
پر زماني ساڻ هٿ ۾ هٿ ڏئي، همراہ ٿي
انتها جي سرحدن تائين برابر ٿو وڃي
توڙ تائين ٿو وڃي.

منهنجي هيءَ دعويٰ اگر آهي غلط
۽ ڪوئي مون کي غلط ثابت ڪري
جي ائين آهي تہ سمجهو دوستو
مون ڪڏهن هڪ لفظ ڀي ناهي لکيو
۽ ڪڏهن ڪنهن پيار ڀي ناهي ڪيو.

[شيڪسپيئر جي "True Love" جو ترجمو]

## ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي

●

جُهڪائيندس جُڀين پنهنجي وجهي اُن يار جي در تي،
جُهڪي ساري خدائي ٿي جنهين دلدار جي در تي.
اکين سان روضي اَطهر کي ڏسان، چائنٽ چُمان اُن جي،
پڙهان صلوات سَوَ واري، سڄي سردار جي در تي.
مديني ۾ جڏهن پهچان، اَتي ئي موت ٿئي منهنجو،
حياتِ جاودان ماڻيان، مري مختار جي در تي.
مديني پاڪ جا ماڻهو، لتاڙن لاش منهنجي کي،
پلارا پاڪ پايان، ٿي دفن غمخوار جي در تي.
شفيع المذنبين مُرسل مُحمّد آ تہ غم ڇا جو،
پُڄائو معاف آ ”ميمڻ“، پرين پڳدار جي در تي.
ڪٿي هتڙا ڪهرو مون لئہ دعا هي رب“ اڪبر کان،
وڃان پهچي سکو مان، احمدِ مختار جي در تي.
”غفور“، آهي ڪندو نظرِ ڪرم هڪ ڏينهن سو مون تي،
سوالي مان ”سدا“ آهيان، انهيءَ مُهندر جي در تي.

## اختر درگاهي

●

زندگي ڇاهي؟ مسئلو آهي،
جڻ تہ صحرا ۾ قافلو آهي.
روز مرڻ ۽ روز جيئڻ جو، ٿي ويو پنهنجو مشغلو آهي.
منهنجو اُن سان ائين ناتو آ، جيئن آگر ۾ ڪو ڇلو آهي.
اچا سُورن جي سهڻ جي سگهہ آ، اچا همت ۽ حوصلو آهي.
تون فقط ڳالهہ ڪرين نيڻن جي، هن جو مُرڪڻ بہ تہ پلو آهي.
سات غيرن سان آهي سائيءَ جو،
هيت اختر تہ هيڪلو آهي.

## ”عاصي“ عبدالواحد هڪڙو

### ڪافي

وري ٻاپ ڪان ٻاڻ پنهنجو ڀلايون،
وري حب جو هوت، هوڪو هلايون.

مٺا سيڻ منهنجي مٺي آهه جاني، ڪري ويس ويتر ڪجل پائي ڪاني،
اچي گهار گڏجي، لهن هيڪلايون.

مڙي پيار پنهنجي تي مرلوڪ سارو، هايو اڄ سڄڻ تون هٿي ليئهن لارو،
اچي ويهه ويجهو ته، دشمن جلايون.

ڏينهان رات تنهنجي اٿم انتظاري، وڌي وئي دل جي سڄڻ بيقراري،
وري وصل جون ڪر پلارا ڀلايون.

ڏسي پيار ٿو ڪين ٻنڌڙو ٻراهون، ڏئي پيار، پيارا نه تون موٽ ٻالهون،
وري دل کي ”عاصي“ وره ۾ ولايون.

## پريتم پياسي

●

منهنجون آهون دانهون، سائين محب ڪجان منظور،
معاف ڪري ڇڏ منهنجون مدايون، ڪامل ڪل قصور.

محبت ٻئي موجون ساري، تانکهه طلب آ تار،
سهڻ اسان ۾ سهڻا سائين منت نه آهي مور.

تنهنجو آهيان، تنهنجو رهندس، توسان ٻيچ پريت،
پرت سچائي پنهنجي پيارا هيڪر آهه حضور.

وصل جا وعدا ڏيئي جاني، دور ڏکي تو ڇڏيو،
بر ۾ بيهاري ٻيوس کي، تو محب رهين مسرور.

ٻيوس ٻنڌو ٻرهه ۾ آهي، آه محبت ماريو،
تنهنجو ”پريتم“ پيارا سائين چاهت ڪيڙو چور.

## اشرف زمان پيرچنڊائي

●

محبت مان نفرت ڪڏهن ٿي وڃي ٿي،
۽ الفت مان ڪلفت ڪڏهن ٿي وڃي ٿي.

ضروري نہ آهي هميشہ ائين ٿئي،
خدا جي آ قدرت، ڪڏهن ٿي وڃي ٿي.
سياڻا تہ آخر سياڻا ئي آهن،
چرين مان بہ چاهت ڪڏهن ٿي وڃي ٿي.
گلن مان تہ خوش ٿيندو هرڪو ئي آهي،
رولڻ مان بہ رغبت ڪڏهن ٿي وڃي ٿي.
پان مان تہ سڀ ڪو ڪري پيار ٿو پر،
ٻرن مان بہ صحبت ڪڏهن ٿي وڃي ٿي.
ٻرو جي پلو ٿي سگهي ٿو اي "اشرف"،
شڪايت مان شهرت ڪڏهن ٿي وڃي ٿي.

## خليل عارف سومرو

### گيت

دل تي تنهنجو نالو لکيل آ،
من ۾ تنهنجو پيار اکل آ.

تنهنجو مان ديوانو آهيان، ساهہ کان وڌ ٿو توکي چاهيان،
تن ۾ تنهنجي تات لڳل آ.
تو ٻن دنيا سڄ ٿو سمجهان، تنهنجي ياد ۾ ترڙپان ٿڪان،
تو لئي منهنجي لنڊ ڦٽل آ.
منهنجي دلڙي تنهنجي حوالي، منهنجو سيڪجهہ تنهنجي نالي،
جيون تنهنجي نالي ڪيل آ.
"عارف" توکي ڪيئن وساري، ساعت ساعت پيو ٿو ساري،
توسان منهنجو روح ڳنڍيل آ

# مقالا

"شاعرن بابت چيو ويو آهي "لله ڪنوز تحت العرش مفاتيحها السنة الشعراء": يعني الله تعاليٰ کي عرش هيٺان خزانا آهن، جن جون ڪنجيون آهن شاعرن جون زبانون. انهن پڻ چيو ويندو آهي ته "الشعراء السنة الرحمان" يعني (شاعر الله تعاليٰ) رحمان ۽ رحيم جون زبانون آهن. تڏهن چئبو ته شاعر کي نهايت وڏو رتبو حاصل آهي. شاعر اهو آهي جنهن کي شعور يا احساس هجي، جنهن جي دل دنبوري جي تارن وانگر چُهڻ سان نيرنگي نغما ڪڍي ۽ سندس تن جون تندون وحدت ۾ وڄن. جو الاهي اسرارن کي، جي عرش هيٺان سانديل آهن ۽ ڪائنات جي ڪرشمن کي اهڙن عجيب ۽ لاثاني لفظن ۾ ادا ڪري، ۽ ان جي رازن جو اهڙي فطري نموني ۾ تعبير ڪري، جو عام توڙي خاص ماڻهن جو عقل چرخ کائي وڃي. شاعر اهو آهي، جنهن جي سخن مان سچ، سونهن ۽ چڱائيءَ جون ٽيئي وصفون باڪمال طور بکن. شاعر اهو آهي جنهن جي اندر مان شعر اُڌمو کائي نڪري، ۽ جبل جي جهرڻي جيان اڇلون ڏيئي مٿي اُڀري. شاعر اهو ناهي، جو هڪ هنڌ ويهي، ڪاغذ کڻي قافين جي لانڍ لکي، بحر ۽ وزن بنائي ۽ باقي حشو کي مصنوعي لفظن سان ڀري. بيشڪ، اهڙي ڪارگذاريءَ ۾ نزاڪت ۽ نفاست، صناعت ۽ مهارت آهي، پر اهڙي سخن کي سگهڙ پائي سڏبو، نه شاعري."

- شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽو رح

# شڪارپور-هڪ سرسري تاريخي جائزو

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

جناب صدر انتظاميه ڪميٽي جشن شڪارپور ۽ ميمبر صاحبان، جناب سربراهه پبليڪيشن ڪميٽي ۽ ميمبر صاحبان، شهر شڪارپور جا علم دوست، حاضرين، السلام عليڪم!

آءٌ پبليڪيشن ڪميٽي جي سربراهه جناب ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب جو شڪرگذار آهيان، جو اوهان جي طرفان مون کي هن محفل ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏنائين. ان جو وڏو فائدو مون کي ٿيو آهي جو اوهان صاحبن سان ملڻ ۽ شهر شڪارپور کي هڪ دفعو وري ڏسڻ جو موقعو مليو آهي.

ڊاڪٽر عبدالمجيد صاحب پنهنجي دعوتنامي ۾ اهو شرط لاڳو ڪري ڇڏيو هو ته هن موقعي تي آءٌ شڪارپور شهر جي ادب، تاريخ ۽ ثقافت بابت مقالو پڙهان. گذريل ٻن سالن ۾ انهيءَ موضوع تي ايڏو سارو مواد گڏ ٿي چڪو آهي جو ان تي ڪتاب ڇپيو آهي، جنهن جي اڄ رونمائي ٿي رهي آهي. هاڻي وڌيڪ ڇا لکجي! بهرحال مون ڊاڪٽر صاحب جي ارشاد جي تعميل ڪئي آهي، جو ڇيو اٿن ته: جنهن جو ڪانئجي تنهن جو ڳائجي؛ ۽ ايترو سو چوندس ته من اڪيلي لاءِ ڊاڪٽر صاحب پنهنجن خاص مهمانن کي سڏي ائين آزمائش جي ميدان ۾ نه آڻي بيهاري، جيئن اڄ مون سان مهرباني ڪئي اٿين.

'شهرن جي تاريخ' ملڪي تاريخ جو هڪ اهم باب آهي، جنهن مان خاص طرح ملڪ جي اقتصادي ۽ سماجي تاريخ تي روشني پوي ٿي. آڳاٽن شهرن جا آثار، آڳاٽين تهذيبن جي عروج ۽ زوال تي شاهد آهن. انساني تاريخ جي مطالعي لاءِ ۽ ان مان سبق حاصل ڪرڻ لاءِ، قرآن حڪيم ۾ ڀيريون پيرو "ٿنين واري شهر ارم" جو ذڪر آيو. اهو ئي سبب هو جو اسلامي دور ۾ شهرن جي تاريخ لکڻ طرف خاص توجهه ٿيو، ۽ مڪه، مدينه، دمشق، بغداد، غرناطه ۽ قاهره وغيره شهرن تي وڏي تحقيق سان ڪتاب لکيا ويا. 'شهرن جي تاريخ' جي سلسلي ۾ آزرقي جو لکيل 'ڪتاب اخبار مڪه' (شهر مڪه جي تاريخ) هن موضوع تي دنيا جي اوائلي ڪتابن مان هڪ اهم ڪتاب آهي.

وقت گذرڻ سان اهو موضوع ايڏو ته اهم ۽ عام مقبول بنجي ويو، جو اسلامي ملڪن مان هرهڪ جي ڪنهن نه ڪنهن شهر جي تاريخ لکي ويئي، ۽ اهڙيءَ طرح 'شهرن جي تاريخ' جو موضوع "علم تاريخ نويسي" (Historiography) جو هڪ مکيه باب بنجي ويو. سنڌ ۾

شهر جي عنوان سان پهريون ڪتاب مير طاهرمحمد نسياڻي ٺٽوي سن ١٠٣٠هه (١٦٢١ع) ڌاري لکيو، جيڪو عام طور 'تاريخ طاهري' سڏجي ٿو. مگر مصنف ان کي 'شهر ٺٽي جي تاريخ (تاريخ بلده ٺٽه) جي نالي سان لکيو، انهيءَ لحاظ سان 'شهرن جي تاريخ' جي عنوان سان سنڌ ۽ هند ۾ جيڪي ڪتاب لکيا ويا، تن ۾ مير طاهرمحمد جو "شهر ٺٽي جي تاريخ" هڪ خاص اهميت رکي ٿو. سنڌ ۾ ان سلسلي جو ٻيو ڪتاب سيوهڻ بابت "تاريخ مشائخ سيوستان" آهي، جنهن ۾ خاص طرح شهر سيوهڻ جي ولين ۽ درويشن جو ذڪر آهي.

مجموعي طور سان، سنڌ جي آڳاٽن شهرن جي موضوع تي محب الله شاهه بکري جي لکيل مختصر "تاريخ سنڌ" ۾ هڪ باب 'امصار' يعني 'شهرن' بابت آهي(١). جيتوڻيڪ ان ۾ مواد بالڪل ٿورو ۽ عام سطح وارو آهي. سنڌ جي تاريخي شهرن بابت حوالا ٻين تاريخن ۽ تذڪرن ۾ موجود آهن، جن ۾ مير علي شير قانع جو تاريخي ڪتاب "تحفة الڪرام" وڏي اهميت وارو آهي، مگر ان ۾ فقط 'ڪلهوڙن جي دؤر' تائين شهرن جا نالا ۽ حوالا موجود آهن، جن سان ڪي شهر اهڙا آهن جيڪي ان ڪان پوءِ وڌيا. مثلاً تحفة الڪرام ۾ حيدرآباد شهر جي بناء جو ذڪر آهي، مگر حيدرآباد جو اوج ۽ عروج پوءِ ٿيو.

ڪلهوڙن جي دؤر کان پوءِ انگريزن جي سنڌ تي غاصبانه قبضي کان اڳ، سنڌ جي آخري آزاد حڪومت، يعني "ٽالپور اميرن واري دؤر" ۾ ڪيترن ئي نون شهرن جا بنياد پيا، ۽ ڪن ڪي اڳيون بستيون وڌيون ۽ وڏي اوج ۽ عروج کي پهتيون. اهڙن شهرن ۽ بستين سان حيدرآباد، ڪراچي، شڪارپور، لاڙڪاڻو، خيرپور، ميرپور ۽ شهدادپور تاريخي اعتبار سان خاص اهميت رکن ٿا.

شڪارپور جو بنياد جيتوڻيڪ اڳ پيو، پر هيءُ هڪ مثالي شهر آهي جيڪو ٽالپورن جي دور ۾ پنهنجي اوج ۽ عروج کي پهتو. البت هن شاندار شهر جي تاريخ ۾ ڪن ٻين مکيه شهرن وانگر عروج ۽ زوال جي تاريخ آهي.

## شهر جي بنياد ۽ دائودپوٽن جي سرداري وارو اوائلي دور (١٠٢٦هه - ١١٥٩هه)

شڪارپور شهر جي بنياد ۽ اوائلي دور واري تاريخ تحقيق طلب آهي. دائودپوٽن جي تاريخي روايت موجب، بهادر خان هن شهر جو بنياد وڌو. هن اورنگزيب بادشاهه طرفان سبي ۽ ڍاڍر جي نواب مرزاخان کان سنڌو ندي جي ڪناري سان وڏي ايراضي، جنهن ۾ خانپور، ترائي ۽ سکر وارا علائقا اچي ٿي ويا، مقاطعي تي ورتي. اتي ٻيلا ۽ شڪارگاهه هئا. شڪارپور واري خاص ايراضي لکي جي مهرن جي هئي، جن جو سردار شيرخان مهر هو. ان بعد دائودپوٽن ۽ مهرڻ جي وچ ۾ جنگ لڳي، جنهن ۾ مهرن هارايو. بهادرخان پوءِ انهيءَ فتح جي يادگار طور سن ١٠٢٦هه (١٦١٧ع) ۾ شڪارپور شهر جو بنياد وڌو. پاڻنجي ٿو ته انهيءَ روايت جي مدار

---

(١) باب جو سڄو عنوان "در تفصيل امصار وبلاد وحصار وقصبات سنده و وجه تسميه ولغة آنها" آهي.

(ج) ۱۱۴۰ھ ۾ محمد مبارڪ خان جي وفات بعد سندس پٽ صادق محمد خان امير ٿيو. ۱۱۵۲ھ (۱۷۳۹ع) ۾ جڏهن نادر شاهہ سنڌ تي چڙهائي ڪئي تہ غالباً محمد مبارڪ خان نادر شاهہ جي رسائي ڪئي. نادر شاهہ جڏهن ميان نور محمد کي عمرڪوٽ ۾ سوگهو ڪري آڻ ميڃائي تہ سڄي آتر سنڌ ميان نور محمد جي قبضي مان ڪڍي تِن حصن ۾ ورهايائين ۽ مٿي اتر طرف چنڙ ۽ شڪارپور ۽ هيٺ ڏکڻ طرف لاڙڪاڻو ۽ سيوستان امير صادق محمد خان جي حوالي ڪيائين.

(د) غالباً ميان نور محمد جي صادق محمد خلاف هلايل حڪمت عملي سان پوءِ نادر شاهہ طرفان طهماسپ خان شڪارپور تي چڙهائي ڪري ان علائقي تي قبضو ڪيو. انهيءَ وچ ۾ صادق محمد خان بہ وڃي ايران پهتو ۽ اتان عسڪر علي خان کي چاڙهي آيو. ميان نور محمد وري بہ حڪمت عملي سان عسڪر علي خان کي صادق محمد خان خلاف بدظن ڪيو، جنهنڪري مدد ۾ آيل لشڪر صادق محمد خان تي سنہ ۱۱۵۹ھ (۱۷۴۶ع) ۾ شڪارپور تي حملو ڪيو. صادق محمد خان وڏي بهادريءَ سان مقابلو ڪيو، پر ۱۴-ربيع الاول ۱۱۵۹ھ تي مارجي ويو. انهيءَ حملي ۾ شڪارپور جي آبادي توڙي ڪوٽ قلعي کي وڏو نقصان پهتو.

(ھ) ان بعد شڪارپور تي ڪجهہ وقت لاءِ ميان نور محمد جو قبضو ٿيو، پر نادر شاهہ جي قتل ٿيڻ بعد احمد شاهہ ابدالي حڪومت جو وارث ٿيو. هن ميان نور محمد کي خطاب ڏنو، پر ميان صاحب شايد عهد نامي جي پوئواري نہ ڪئي جنهنڪري سنہ ۱۱۶۷ھ (۱۷۵۳ع) ۾ جڏهن احمد شاهہ سنڌ تي چڙهائي ڪئي تہ ميان نور محمد بہ سنڌ ڇڏي هليو ويو، جنهنڪري احمد شاهہ ابدالي شڪارپور وارو سڄو علائقو سبي سان لاڳو ڪري پنهنجي افغان حڪومت سان ملائي ڇڏيو.

(و) ڪلهوڙن جي آخري ڪمزور حڪمران ميان عبدالنبي جيئن سنڌ جو عمرڪوٽ وارو علائقو جوڌپور جي راجا کي ڏيئي ڇڏيو هو، تيئن شڪارپور ۽ پيو سڄو آتريون علائقو افغانن جي حوالي ڪندي ۽ پڻ وڏيڪ ڏن ڏيڻ جا دلاسا ڏيندي سنڌ تي افغانن جي لشڪر جا حملا ڪرايا. انهيءَ ڪري نہ فقط ملڪ ڦٽي ويو پر شڪارپور واري سڄي پرڳڻي تي ڪابلي قنڌاري افغانن جو قبضو مضبوط ٿي ويو. اهو قبضو احمد شاهہ ابدالي جي حملي واري سال ۱۱۶۷ھ (۱۷۵۳ع) کان شروع ٿيو ۽ ٽالپورن جي دور ۾ ويندي ۱۲۳۹ھ (۱۸۲۳ع) تائين ٽورو گهٽو هلندو آيو.

## ٽالپورن جي دور ۾ شڪارپور جي آزادي، اوج ۽ عروج وارو دور (۱۲۳۹-۱۲۵۹ھ/ ۱۸۲۳ - ۱۸۴۳ع)

ٽالپورن جي دور ۾ وڃي شڪارپور شهر آزاد ٿيو ۽ پنهنجي اوج کي پهتو. ان دور جي تاريخ کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: (الف) شڪارپور شهر ۽ پرڳڻي کي افغانن جي قبضي مان آزاد ڪرائڻ وارو دور ۽ (ب) شهر شڪارپور جي اوج ۽ عروج وارو دور.

ان جي نزديڪي پسگردائي ۾ شاهه شجاع ۽ سندس ماڻهو ڦرندا رهيا. جيئن ته ڪين مهمانن جي حيثيت هئي انهيءَ ڪري ڪين ڪجهه به ڪونه ٿي چيو ويو. بالآخر جڏهن شاهه شجاع ۽ سندس سپاهه شرافت جا ليڪا لتاڙي اشرافن جون لڄون ۽ ملڪيتون لٽڻ لڳا، تڏهن نواب ولي محمد خان رعايا تي ظلم ٿيندو ڏسي شجاع کي شڪارپور ڇڏائڻ جي تجويز اميرن جي آڏو رکي، جا منظور ٿي. ان موجب ١٢٣٦هه/١٨٢١ع ۾ نواب ولي محمد خان حيدرآباد طرفان ۽ ممو خان ٽالپور خيرپور طرفان پنهنجي فوجي دستن سان اچي شهر شڪارپور ۾ منزل انداز ٿيا، جنهن ڪري ڇڙواڳ افغانن طرفان رعايا کي ايذائڻ واريون حرڪتون بند ٿيون. ٻئي طرف سنڌ طرفان سڌو محمد عظيم خان سان تعلق قائم ڪيو ويو، جو فوج وٺي اتان چڙهيو. سنڌ جي متحده فوج به اميرن سان گڏ اچي نواب ولي محمد خان جي رٿيل تجويز موجب لاڙڪاڻي پهتي ۽ اتان وڏي اچي ميان شاهل محمد عباسي جي قبي وٽ ڇانوڻي هنيائون. شاهه شجاع به ٻريان محمد عظيم خان جو لشڪر ايندو ڏسي شڪارپور جي جند ڇڏي ۽ پنهنجي جان بچائڻ خاطر اچي سنڌ جي ڇانوڻي ۾ پناهه ورتي. محمد عظيم خان جي فوجي دستن اڳڀرائي ڪري پيشقدمي ڪئي جنهن کي سنڌ جي فوجي دستن ختم ڪري ڇڏيو. محمد عظيم خان کي پوءِ صلح ڪري پوئتي موٽڻو پيو؛ شاهه شجاع به سنڌ ڇڏي جيسلمير جي راهه وٺي لڌياني (پنجاب) ڏي روانو ٿيو.

(٦) نواب ولي محمد خان هائي شڪارپور شهر جي چوڌاري سڄي پسگردائي سنڌ جي انتظام هيٺ آڻي ڇڏي ۽ سوچيائين ته ڪنهن طرح شهر افغانن جي چنبي ڪان آزاد ڪرائجي. سنه ١٢٣٩هه/٢٣-١٨٢٤ع ۾ رحمدل خان افغان شڪارپور شهر جو ڪوٽوال هو، جنهن کي سندس پاءُ ۽ ڪابل جي امير شيردل خان پاڻ وٽ گهرائي ورتو. رحمدل خان پنهنجي طرفان عبدالمنصور خان کي شڪارپور تي مقرر ڪيو. ٿوري عرصي بعد، سڪن جو لشڪر اچي ديري غازي خان پهتو. مبادا اهو لشڪر سنڌ جو رخ ڪري، انهيءَ لاءِ ضروري هو ته سنڌ جي سرحد خصوصاً شڪارپور جي بچاءُ لاءِ انتظام ڪيو وڃي. اهو انتظام نواب ولي محمد خان جي حوالي ٿيو.

نواب صاحب اول پنهنجي هيڊ ڪوارٽر لاڙڪاڻي مان عبدالمنصور ڏانهن مؤثر مُراسلا موڪليا، ۽ کيس موقعي جي نزاڪت کان آگاهه ڪري سمجهائيندو رهيو ته افغان سردارن طرفان شڪارپور جو بچاءُ مشڪل آهي، انهيءَ ڪري بهتر آهي ته سڪن جي آڏو سِر جهڪائڻ بدران شڪارپور سنڌ جي حوالي ڪئي ته فوراً حفاظتي انتظام ڪيو وڃي. عبدالمنصور خان شهر خالي ڪرڻ بدران، نواب صاحب ڏي منٿ ميڙ جا خط بهاني طور لکيا ته سڪ شڪارپور تي حملو ڪونه ڪندا، ۽ ازانسواءِ شڪارپور جي ٻئي سڄي علائقي تي اڳ ئي اوهان جو قبضو آهي، ۽ صرف شهر واري چار ديواري باقي وڃي بچي آهي، جا اسان کان نه ڇڏايو ته بهتر آهي. نواب صاحب انهن حيلن ۽ بهانن کان متاثر نه ٿيو ۽ شڪارپور کي افغانن جي تسلط کان هميشه لاءِ آزاد ڪرائڻ لاءِ لاڙڪاڻي کان لشڪر وٺي هليو. نواب صاحب کي بخوبي معلوم

شڪارپور جي سيٺين ڪي افغانن سان واپار جو تجربو ٿي چڪو هو، ۽ جيئن ئي ڪين افغان حڪمرانن جي زبردستي ۽ ڦرلٽ ڪان نجات ملي تہ افغانستان طرف واپار وڌيو. ٽالپورن جي دور ۾ سنڌ جي حڪومت طرفان خاص طرح واپارين کي سڀ سهولتون ڏيڻ ۽ همٿائڻ ۽ آزاد تجارت واري پاليسي سببان تجارتي ڪاروبار ترقي ڪئي. سن ١٢٣٩ هہ (١٨٢٣-٢٤) کان وٺي شڪارپور شهر بہ سنئون سڌو سنڌ جي حڪومت ۾ داخل ٿي ويو، جنهنڪري ٽالپورن جي دور جي ايندڙ ويهن سالن واري عرصي ۾ شڪارپور شهر جي واپار جو دائرو هڪ طرف بلخ ۽ بخارا تائين تہ ٻئي طرف هرات ۽ مشهد تائين وڌيو.

انتظامي طور، ٽالپورن جي دور ۾ شڪارپور کي خاص اهميت ڏني ويئي. ٻهريائين اتي جي انتظام جو اعليٰ اختيار نواب ولي محمد خان جي هٿ ۾ رهيو، جو ساڳئي وقت سنڌ جو وزيراعظم هو، ان بعد سنڌ جي ٻئي وزير آغا اسماعيل شاهہ جو فرزند آغا ڪاظم شاهہ شڪارپور جو گورنر مقرر ٿيو ۽ ان ڪان پوءِ نواب عالم خان مري انتظام سنڀاليو. انهيءَ اعليٰ درجي جي منتظمن، ادبين ۽ محب وطن خادمن (١) جي نگراني هيٺ شهر شڪارپور سگهوئي پنهنجي اوج ۽ عروج کي پهچي ويو. شهر جي آبادي وڌي، شهر جي عالم پناهہ ۽ ان جي دروازن جي نئين سر مرمت ۽ تعمير ٿي. قافلن لاءِ ڪاروان سراءِ تعمير ٿي ۽ آبپاشي جي اعليٰ انتظام سان شهر شڪارپور باغات جو مرڪز بنجي ويو.

سڀ ڪان وڏو واڌارو تعليم ۾ ٿيو، جڏهن ڪان شاهہ فقيرالله علوي (وفات ١١٩٤ هہ) شڪارپور ۾ پنهنجو تڪيو ڪيو هو، تڏهن ڪان وٺي شڪارپور ۾ اعليٰ تعليم ۽ تصنيف جو تڏو لڳو، جيڪو پوءِ ٽالپور اميرن واري دور ۾ وڌي وڻ ٿيو. نواب ولي محمد خان توڙي آغا ڪاظم شاهہ پنهنجي دور جا وڏا اديب ۽ شاعر هئا ۽ سندن شڪارپور ۾ اچڻ ۽ انتظام سنڀالڻ سان ادبين ۽ شاعرن جو وڏو قدر ٿيو. آخوند صاحبڏنو، جيڪو هن دور ۾ شڪارپور جو هڪ وڏو ذهين عالم، شاعر ۽ قاضين واري مسجد ۾ مدرسي جو استاد هو، تنهن نواب ولي محمد خان جي انهيءَ حسن انتظام کي غائبانہ داد ڏنو، جنهن سان سڄي ملڪ توڙي شڪارپور شهر ۾ رونق ۽ تازگي اچي وئي هئي. بقول آخوند صاحبڏنو:

باز در عالم نواي تازگي را برتري ست
در همه آفاق انواع طرب را رهبري ست

شڪارپور جي مڪتبن ۽ مدرسن وڏا عالم، اديب ۽ شاعر پيدا ڪيا ۽ پڻ تجارتي ترقي سببان شهر جي صفائي ۽ سهڻائي ۾ رونق اچي وئي ۽ چوڌاري باغات جي گلزاري لڳي وئي. اندازا ١٢٤١-١٢٤٥ هہ واري عرصي ۾ آغا ڪاظم شاهہ بہ سال شڪارپور ۾ گورنر ٿي رهيو ۽ شهر جي اندروني رونق، شهر جي سهڻن ماڻهن، شهر جي گلستانن ۽ بلبلن بابت يادگار شعر چيائين تہ:

---

(١) نواب ولي محمد خان سن ١٢٤٧ هہ ۾ وفات ڪئي. آغا ڪاظم شاهہ ۽ نواب عالم خان مري ٻئي "ڪرڙي واري جنگ" ۾ شعبان ١٢٤٩ هہ ۾ شهيد ٿيا.

سن ۱۸۸۳ع ۾ ضلعي جو هيڊ ڪوارٽر شڪارپور مان بدلائي سکر ۾ آندائون، جنهنڪري انتظامي طور سان پڻ شڪارپور جي مرڪزي اهميت ختم ٿي وئي. شڪارپور جا مڪتب ۽ مدرسا بند ٿي ويا، ۽ فارسي علم ادب وارو گلشن ڦٽي ويو. شهر جا معزز گهراڻا دربدر ٿي ويا. البت شاهوڪار سيٺين انگريزن جو ساٿ ڏنو، جن کين پڙهايو، واپار ۾ وڌايو ۽ شهر جو مالڪ بنايو.

هڪ سؤ کن سالن کان پوءِ انگريزن جي آخري دور ۾ شهر جي ڪن مسلمان گهراڻن جا فرد وڏي چڱن عهدن تي پهتا. مرحوم الله بخش سومرو پهريون بيدار مغز مدبر هو، جنهن جي سياسي طاقت ۾ اچڻ سان هتان جي مسلمان باشندن کي به تقويت ملي.

حقيقت ۾ شڪارپور کي ڪنهن حد تائين پنهنجو اڳيون تاريخي مقام جولاءِ ۱۹۷۷ع کان مليو آهي، جڏهن کان وٽي شڪارپور کي ضلعي جو درجو مليو آهي، ۽ شهر شڪارپور ان ضلعي جو انتظامي مرڪز ٿيو آهي. انهيءَ لحاظ کان اوهان ’جشن شڪارپور‘ ملهائڻ ۾ نه فقط حق بجانب آهيو، پر هڪ تاريخي ڪردار ادا ڪري رهيا آهيو. پبليڪيشن ڪميٽي جي ڪوشش قابل مبارڪباد آهي، جو جشن شڪارپور جي جلسن ۾ پڙهيل مقالن کي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو ويو آهي.

جيئن ته شڪارپور هڪ تاريخي شهر آهي، انهيءَ ڪري ضروري آهي ته هن نئين ضلعي جي انتظاميه، ميونسپالٽي توڙي شهرواسين طرفان هن شهر جي قديم آثارن کي جيترو ٿي سگهي اوترو جلد محفوظ ڪيو وڃي ۽ انهن جاين تي يادگار ڪتبا هڻايا وڃن. انهيءَ سلسلي ۾ آءٌ هيٺين آثارن ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ ضروري سمجهان ٿو:

(۱) دائودپوٽن جي قبرستان، خاص طرح صادق محمد خان جي قبر لڳ ڪتبو هڻايو وڃي. قبرستان جو اڳاٽو تفصيل هن طرح آهي:

محله استوارٽ گنج سٽي سروي چڪ نمبر ۵، لمبر شمار ۹۵، ميونسپل نمبر ۱۵۵، قبرستان ـ نمبر شمار ۸۷، ميونسپل نمبر ۲۲، سٽي سروي نمبر ۱۵۱ قبرستان ـ نمبر شمار ۶۰، سٽي سروي نمبر ۹۵، قبرستان جو حاطو.

(۲) شهر جي عالم پناهه کي جيڪي دروازا هئا، انهن مان هڪ ـ ٻه دروازا اصل حالت ۾ محفوظ ڪيا وڃن، پر سيني دروازن وارين جاين تي انهن دروازن جي نالن جا يادگار ڪتبا هڻايا وڃن.

(۳) نواب ولي محمد خان شهر شڪارپور کي آخري طور افغانن جي چنبي مان آزاد ڪرايو. ان موقعي تي هو شاهي باغ ۾ منزل انداز ٿيو هو، جتي ڪنهن موزون جڳهه تي يادگار ڪتبو هڻايو وڃي.

(۴) ڪاروان سراءِ جي ڪم از ڪم هڪ ديوار ۽ دروازي جي حفاظت ڪئي وڃي، ۽ پڻ اتي هڪ يادگار ڪتبو هڻايو وڃي.

اهڙيءَ طرح ٻين تاريخي يادگارن جي حفاظت لاءِ مناسب قدم کنيا وڃن.

(”جشن شڪارپور“ جي ڪارگذاريءَ تي مشتمل تحقيقي ڪتاب ”شڪارپور ـ ماضي ۽ حال“، مرتب ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، جي رونمائي جي اجلاس، ۲۶-اپريل ۱۹۸۴ع ۾ ڪيل خطاب).

# سنڌي ونٿپتي ڪوش

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو

سنڌي ٻوليءَ جي لفظن کي ٻوريءَ ريت پروڙڻ لاءِ جيڪي ڪتاب شايع ٿيا آهن، تن مان "ونٿپتي ڪوش" ٻه هڪ تحقيقي ڪتاب آهي. جيتوڻيڪ ساڳئي موضوع تي ١٨٦٦ع ۾ پادري شرٽ جو ننڍڙو ڪتاب "اکر ڌاتو" (٤٤ صفحن جو) ٻه شايع ٿيل آهي، پر ونٿپتي ڪوش جو ادبي ۽ تحقيقي رتبو مٿي آهي. فاضل مصنف جهمٽ مل نارومل وسٽائي، نائب ماستر شڪارپور هاءِ اسڪول، سنسڪرت جو ڄاڻو هو، جنهنڪري سنسڪرت جي ڌاتن (Roots) ۽ لفظن جو اونهو اڀياس ڪري، منجهانئن نڪتل سنڌي لفظ نهايت ڇنڊڇاڻ سان پنهنجي تصنيف ۾ ڏيکاريا آهن. اهڙا ڪتاب ايندا رهن ها ته سنڌي لفظن جي بڻ بنياد کي سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي ها.

"ونٿپتي ڪوش" جهڙو ڪارائتو ڪتاب، شايد ئي وري شايع ٿئي؛ ڇاڪاڻ ته اِن تَرَ ۾ تحقيق ڪرڻ وارا گهٽي ڀاڳي آٿي ويا ۽ باقي جيڪي رهيا آهن، سي وري ساهي منجهائي نٿا سگهن. بنده جو "سامي ڌاتو ڪوش" ٻه ان طرز جو ڪتاب سمجهڻ کپي. جيڪڏهن ان ڏس ۾ ڪو عالم توڪل جو ترهو ٻڌي، سنڌي ٻوليءَ جي عميق بحر ۾ ڪاهي پوندو ته يقينا ڪاميابي سندس قدم چمندي.

جهمٽ مل جا ٽي ڪتاب نظر اچن ٿا، جن ۾ هُن سنڌي لفظن تي ڪافي بحث ڪيو آهي:

١- سنڌي ونٿپتي ڪوش ١٨٨٦ع

The Dictionary of Sindhi Derivatives.

٢- سنڌي ٻوليءَ جو گرامر ١٨٩٢ع

A New Grammer of Sindhi Language.

(سنڌ جي ٽريننگ ڪاليج جي پڙهندڙن ۽ ڇهين درجي جي اميدوارن لاءِ.)

٣- شاهه جا بيت ١٨٩٥ع

مشڪل تي رڪيل. متن ٦٧ صفحا. ٦٩ صفحي کان ١٦١ صفحي تائين لفظن جي معنيٰ ۽ تشريح.

انهن ڪتابن مان "ونٿپتي ڪوش"، سنڌي ادبي بورڊ ڇپايو آهي. اگرچه ننڍو آهي، پر نج سونَ جو ڳنڍو آهي، جنهن لاءِ مصنف جهمٽ مل لکي ٿو:

"آءٌ ڀانيان ٿو ته گهڻو ڪري سڀ ماڻهو قبول ڪندا ته اشتقاق جي ڪتاب جو گهڻو احتياج آهي، نه رڳو سنڌي ۽ انگريزي مڪتبن جي درجن ۾ اشتقاق امتحان

# ڪشمير شناسي

## ڊاڪٽر غلام علي الانا

مان ”ڪشمير شناسي“ جي عنوان هيٺ منعقد ٿيندڙ هن سيمينار تي آزاد ڄمون ۽ ڪشمير جي حڪومت ۽ آزاد ڄمون ۽ ڪشمير يونيورسٽي جي وائيس چانسيلر صاحب کي دل جي گهراين سان مبارڪون پيش ڪريان ٿو. ڊاڪٽر طاهر صاحب وڏيءَ همت ڪان ڪم ورتي هن سيمينار جو اهتمام ڪري اداره ڪشمير شناسي کي روشناس ڪرائڻ ۾ هڪ اهم قدم کنيو آهي.

اٿڻ سنڌو ماٿر جي علم ادب سان زرخيز ۽ تهذيب ۽ تمدن سان مالامال خطي ضلعي ٿتي جو رهواسي آهيان. منهنجي دلچسپي جا خاص موضوع هي آهن: عام لسانيات، Anthropological Anthropology, Linguistics، ثقافت، تاريخ، ادبيات ۽ سنڌ شناسي (سنڌ الاجي). لسانيات جي هڪ شاگرد جي حيثيت سان اٿڻ واديءَ ڪشمير جي ٻولي ۽ ثقافت جو ايترو گهڻو اڀياس ته نه ڪري سگهيو آهيان، پر مون هي ضرور محسوس ڪيو آهي ته واديءَ ڪشمير جي ٻولي، تهذيب ۽ تمدن ۾ منهنجي موضوعن متعلق بي شمار خام مال موجود آهي.

واديءَ ڪشمير منهنجي نظر ۾ واديءَ سنڌ جيان (اوپن ايئر ميوزم) Open Air Museum آهي، جنهن جي ڊاڪومينٽيشن Documentation ۽ جنهن جي متعلق تحقيق ڪرڻ جي بيحد گهڻي ضرورت آهي. خصوصاً ڪشميري ٻولي هڪ اهڙي ٻولي آهي، جيڪا پاڪستان جي ٻولين سان عموماً ۽ واديءَ سنڌ جي ٻولي خصوصا سنڌي ۽ پنجابي ۽ سرائڪي ٻولين سان لسانيات جي نقطہ نگاهہ کان گهڻي مشابهت رکي ٿي. هيءَ هڪ اهڙي ٻولي آهي جيڪا پنهنجي صورتخطي، مفردات، لفظ ۽ محاورا بدلائيندي رهي آهي. اها هڪ زنده ٻوليءَ جي نشاني آهي. هن ٻوليءَ کي ڪنهن به دور ۾ سرڪاري سرپرستي به حاصل نه رهي آهي، ان جي باوجود به هيءَ ٻولي هميشه ارتقا جون منزلون طئہ ڪندي رهي آهي، يعني هيءَ ٻولي هر دور ۾ ارتقا پذير رهي آهي. هن ٻوليءَ جي زنده هجڻ جو سڀ کان وڏو ثبوت هيءُ آهي ته هن کي نه ته سنسڪرت ۽ پالي ٻوليون هضم ڪري سگهيون ۽ نه وري هيءَ ٻولي فارسي ۽ عربي ۾ مدغم ٿي وئي. هيءَ ٻولي پنهنجي هڪ سڃاڻ (ساخت) Structure رکي ٿي ۽ آسپاس جي ڪيترين ئي ٻولين سان رشتو/تعلق قائم رکندي آئي آهي. هن ٻوليءَ جو جديد سائنسي بنياد ن تي اڀياس ڪرڻ جي شديد ضرورت آهي. لسانيات جي ماهرن مان سر گريئرسن ۽ ديوان ڀيرومل جي تحقيق جي روشني ۾ پتو پوي ٿو ته واديءَ سنڌ جي ٻولين ۽ ڪشميري ٻوليءَ ۾ ڪافي مماثلت آهي. هن مماثلت مان منهنجي مراد

لفظن جي ذخيرن ۾ هڪجهڙائي نه بلڪ جڏهن ٻولين جي وچ ۾ مماثلت جو ذڪر ڪريان ٿو ته منهنجي مراد صوتيات، علم الاصوات، صرف ۽ نحو جي مماثلت آهي. ڪشميري ٻوليءَ ۾ لفظن جي ساخت (Structure) ۽ فقرن ۽ جملن جي بناوت (Structure) جو جڏهن اڀياس ڪجي ٿو ته سڀ ڪنان دلچسپ ۽ قابل توجه نقطو (Pro-Nominal Suffixes) ۾ مماثلت آهي، جيڪا سنڌي، پنجابي، سرائڪي، گجراتي ۽ راجستاني ٻولين ۾ عام طور نظر اچي ٿي. اها مماثلت لسانيات جي ماهرن جو ڌيان ڇڪائي ٿي. هيءَ هڪجهڙائي لسانيات جي عالمن کي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ جي دعوت ڏئي ٿي. هيءَ ڳالهه ۽ ٻيون ڪيتريون ڳالهيون ڪشمير جي ثقافت، ڪشمير جي Archaeology, Ethology, Anthropology، تاريخ، جاگرافي ۽ ٻين علمن جي ماهرن کي دعوت ڏئي رهيون آهن.

هيءُ هڪ اهڙو علائقو آهي، جتي اسلام جي اچڻ کان اڳ "شاردا" نالي هڪ عظيم يونيورسٽي موجود هئي. اهڙيءَ طرح علم الانسان جي مورخين ۽ آرڪيالاجي (Archaeology) جي ماهرن ۽ ٻين علمن جي شاگردن لاءِ زمين جو هيءُ خطو وڏي ڪشش رکي ٿو، جنهن جو اندازو اهي ماڻهو ئي لڳائي سگهن ٿا، جن جو انهن موضوعن سان عشق هوندو.

واديءَ ڪشمير ۽ واديءَ سنڌ جا علمي، ادبي، تهذيبي ۽ تمدني، تجارتي ۽ لساني رشتا صديون پراڻا آهن. هن سلسلي ۾ تمام گهڻي تحقيق ۽ تفتيش (جاکوڙ) جي ضرورت آهي. معلوم ٿئي ٿو ته آڳاٽي وقت کان عالم ۽ اڪابر واديءَ سنڌ مان واديءَ ڪشمير ڏانهن هميشه ايندا رهيا آهن. اهڙيءَ طرح واديءَ ڪشمير مان ماڻهو روزگار سانگي واديءَ سنڌ ۾ ويندا رهيا آهن ۽ اهڙيءَ طرح واديءَ ڪشمير ۽ واديءَ سنڌ ۾ ثقافتي، تهذيبي، معاشي ۽ معاشرتي ناتا رشتا هميشه جڙيا رهيا. هن دعويٰ جو هڪ ثبوت عرب سياح بزرگ بن شهريار جي سفرنامي "عجائب الهند" ۾ ڏنل معلومات مان ملي ٿو. بزرگ بن شهريار جي مذڪوره ڪتاب مان پتو پوي ٿو ته سنڌ مان اسلام جي تبليغ جي شمع جا ڪرڻا واديءَ ڪشمير تائين پهچي چڪا هئا. سنڌ جي ماڻهن جي ذهانت ۽ علم و فضل جي شهرت جي باعث ڪشمير جي راجا مهروڪ ۸۸۳ع (۲۷۰ هجري) ۾ منصوره جي امير عبدالله بن عمر بن عبدالعزيز هباري (۸۸۳ع-۸۹۲ع) ڏانهن هڪ پيغام موڪليو، جنهن ۾ هن امير عبدالله کي گذارش ڪئي هئي ته هن کي سنڌي ۽ هندي ٻولين ۾ اسلامي احڪامات ۽ قانون جو تفسير ۽ تشريح لکرائي ڏياري موڪلي. منصوره جي حاڪم امير عبدالله، منصوره جي هڪ عراقي عالم کي راجا مهروڪ ڏانهن موڪلڻ لاءِ تيار ڪيو، جو هڪ ذهين عالم ۽ سچاڻ شخص هو ۽ شاعر پڻ هو. سنڌ ۾ پليو نپنو هو. هو مختلف ٻولين ۾ مهارت رکندڙ هو. هن هڪ قصيدو ناهيو، جنهن ۾ اهي سموريون ڳالهيون چيون، جن لاءِ راجا مهروڪ گذارش ڪئي هئي. مذڪوره عالم راجا مهروڪ وٽ ٽي سال رهيو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ قرآن شريف جو ترجمو ڪيو.

ڪشمير پنهنجي سرسبز ۽ شاداب وادين، برف پوش پهاڙن، جبلن، گهاٽن ٻيلن ۽ فلڪ بوس وڻن، دريائن، آبشارن ۽ قسمين قسمين باغات جي سبب قديم زماني کان آسپاس جي مختلف قومن لاءِ ڪافي ڪشش رکي ٿو. هڪ اهڙي علائقي جي ٻولي ۽ ثقافت جا بنياد تلاش ڪرڻ سولو ڪم نہ آهي، جنهن ۾ مختلف قومون اچي آباد ٿيون هجن ۽ هرهڪ قوم هن ٻوليءَ جي تخليق ۽ ترقيءَ ۾ حصو ورتو، تنهنڪري ڪشميري ٻوليءَ جي اصل نسل جي باري ۾ محققن جا ڪيترائي مختلف رايا آهن ۽ هي اختلاف ايترو تہ گهڻو آهي، جو محقق هن ٻوليءَ کي آريائي ٻولي قرار ڏين ٿا، جڏهن تہ ڪي ٻيا هن ٻوليءَ جو شجرو سامي زبانن سان ملائين ٿا. البت هيءَ ڳالهہ چٽي ريت جاچل سڃاتل آهي تہ قديم زماني ۾ مذهبي ۽ علمي ضرورتن جي پورائي لاءِ سنسڪرت جو رواج هو ۽ ڪشميري معاشري جا معزز طبقا هندي ڳالهائيندا هئا. ۾ ڪشمير جو جاگرافيائي تعلق هڪ طرف بلتستان، لداخ، گلگت ۽ چترال سان آهي تہ ٻئي طرف ٽيٽ، چين، نيپال ۽ پوٺان سان پڻ آهي. سندس ڏکڻ ۾ پنجاب ۽ سنڌ جا علائقا آهن. انهن سڀني علائقن جا ماڻهو مختلف ٻوليون ڳالهائيندا هئا، اهي وقت بوقت ڪشمير جو رخ ڪندا هئا. انهن ماڻهن جي پاڻ ۾ لهہ وچڙ هڪ نئين ٻوليءَ کي جنم ڏنو، جنهن جو بنيادي ڍانچو لسانيات جي ماهرن جي نظرن ۾ غالبا داردي زبان تي قائم ٿيو، جا واديءَ گريز، بلتستان ۽ گلگت وغيره جي ٻولي هئي. ۾ اوائلي دور ۾ ان ۾ سنسڪرت جا تمام گهڻا لفظ موجود هئا. ماهرن جي راءِ آهي تہ داردي ٻولي آريائي خاندان جي هڪ شاخ آهي. ڪن عالمن جي راءِ آهي تہ ڪشميري ٻوليءَ ۾ اهڙا آواز اڃان تائين موجود آهن، جيڪي صرف شينا، بلتي، چيني ۽ پشتو ٻولين ۾ آهن، جهڙوڪ 'ژ' آواز، جيڪو آريائي ٻولين جي علامت آهي.

ڪشميري ٻولي هڪ ڊگهي عرصي تائين محض ڳالهائڻ ۽ رابطي جي ٻولي هئي، جو تہ ڪشميري ۾ تصنيف ۽ تاليف جو ڪم گهڻو بعد ۾ شروع ٿيو. ڪشمير جي قديم ترين تاريخ راج ترنگني ۾ ڪشميري ٻولي ۽ ادب جو ڪوبہ ذڪر ڪونهي.

قديم زماني ۾ ڪشميري ٻولي غالبا شاردا يونيورسٽي ۾ مروج رسم‌الخط ۾ لکي ويندي هئي، جنهن کي شاردا صورتخطي جو نالو ڏنو ويو آهي. ۾ فارسي ۽ عربي جي اثر هيٺ هيءَ صورتخطي تبديل ٿيندي وئي ۽ هاڻ ان کي نسخ يا نستعليق ۾ لکيو وڃي ٿو. الف بي جي لحاظ کان ڪشميري ٻولي اردو کان ڪوگهڻو مختلف ڪونہ آهي، البت هن ۾ گهہ ۽ ڏ جا وسرگ آواز (Aspirated Voices) ڪونہ آهن، ۽ ڪشميري ٻوليءَ ۾ وينجنن (Consonants) جو تعداد ٽيتاليهہ آهي. ماهرين جي راءِ موجب ڪشميري ٻوليءَ ۾ Vowels جو مسئلو بيحد ڏکيو آهي. منهنجي خيال ۾ جيڪڏهن ڪشميري ٻوليءَ جو سائنسي بنيادن تي اڀياس ڪيو وڃي ۽ لسانيات جي اصولن مطابق Vowels کي پرکيو وڃي ۽ انهن جو تعداد مقرر ڪيو وڃي تہ شايد تعداد ۾ ڪمي بيشي ٿي سگهي ٿي، تاهم اڄ تائين ٿيل تحقيق مطابق ڪشميري ٻوليءَ ۾ ١٧ (Vowels) آهن. مختلف لفظن ۾ سر يا حرف علت Vowel يا حرڪت جي معمولي فرق سبب معنيٰ بدلجي وڃي ٿي.

Vowels جي جهجهائي ۽ اهميت جتي ٻوليءَ جي داخلي حرڪت پذيري ۽ ٽڪنيڪي ارتقا جي علامت سمجهي وڃي ٿي، آتي هيءَ ٻڻ حقيقت آهي ته اهڙيون ٻوليون بحيثيت Foreign Languages تعليم ۽ تدريس دوران ڏاڍيون ڏکيون هونديون آهن.

ڪشمير ۾ علم جي واڌاري ۽ ڦهلاءَ لاءِ سلطان زين العابدين بدشاهه بلڪل ساڳيو طريقو اختيار ڪيو هو، جيڪو ڪانئس ڇهه سؤ ورهيه اڳ عباسي خليفي المامون اختيار ڪيو هو. بدشاهه نوشهري جي شاهي محلات ۾ ڪتابن جو هڪ تمام وڏو ذخيرو گڏ ڪيو ۽ پوءِ دارالترجمه ۽ دارالتاليف قائم ڪيا ۽ ساري ملڪ مان عالم ۽ فاضل جمع ڪري ڪانئن سنسڪرت ۽ ٻين ڏيهي ٻولين مان فارسيءَ ۾ ڪتاب ترجمو ڪرايا. هن جي دارالترجمه سان جيڪي شخصيتون لاڳاپيل هيون، انهن ۾ سيد امين منطقي اويسي، ملڪ الشعراء ملا احمد ڪشميري، ملا نديمي، ملا فصيحي، ملا مليحي، ملا جميل، ملا محمد شاعر، ملا احمد رومي، ملا نورالدين، ملا علي شيرازي، ملا نادري، مولانا حسين غزنوي جا نالا شامل آهن. بادشاهه جي ترغيب ۽ قدردانيءَ سبب ڪيترن پنڊتن فارسي لکي حڪومت جا اعليٰ عهدا حاصل ڪيا. پنڊتن مان جنهن گروهه سڀ کان پهريائين فارسي ٻوليءَ ڏانهن ڌيان ڏنو، انهن کي سپرو سڏجي ٿو. سپرو جي معنيٰ آهي، "پڙهڻ ۾ ٻين کان اڳيرو."

فارسي ٻولي ۽ ڪشميري ٻوليءَ جو تعلق بطرفو آهي. هڪ طرف ملڪ جي سرڪاري ٻولي فارسي هئي ۽ ساڳي وقت مقامي ٻولين جو علمي ۽ ادبي ذخيرو فارسيءَ ۾ ترجمو ٿي رهيو هو، ته ٻئي طرف ڪشميري ٻوليءَ، فارسيءَ مان نه رڳو الفاظ ۽ محاورا ورتا، پر فارسي رسم الخط پڻ اختيار ڪئي. ڪشميري شاعرن ۽ اديبن فارسي رسم الخط ۾ لکڻ شروع ڪيو. نه صرف ايترو، پر فارسيءَ جا منظوم قصا مثلاً: يوسف زليخا، شيرين خسرو، ليليٰ مجنون ۽ شاهنامه فردوسي کي ڪشميري ٻوليءَ ۾ منظوم ترجمو ڪيو ويو. مطلب ته فارسي ٻوليءَ ۽ ايراني تهذيب ۽ تمدن جو ڪشمير تي ايترو قدر اثر پيو، جو ڪشمير تي نالو ئي "ايران صغير" پئجي ويو.

## ڪشميري لوڪ ادب

ڪشميري ٻوليءَ ۾ ٻين ڏيهي ٻولين جيان علم ادب جي ابتدا لوڪ ادب سان ٿي آهي. ڪشميري لوڪ ادب ۾ منظوم ڪهاڻين کي وڏي اهميت حاصل رهي آهي. فارسيءَ مان ترجمو ٿيل ڪيترائي قصا ڪهاڻيون، اصل ته عربي قصا هئا، جي پهريائين عربيءَ مان فارسيءَ ۾، پوءِ فارسيءَ مان ڪشميري ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيا ويا. انهن قصن مان محمود گامي، يوسف زليخا، شيرين خسرو، ليليٰ مجنون، قصه محمود غزنوي، قصه هارون الرشيد ڪشميري ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو. ولي الله متّو نه صرف ٻين ٻولين جا ڪيترا قصا منظوم ڪيا، پر پاڻ به هڪ مشهور ڪهاڻي "هيمه مال" تاليف ڪئي. سيف الدين، وامق و عذرا کي ڪشميري

جيڪي اڄ سوڊو پيسا ڳائجن. حبه جوانيءَ جي شروعات ۾ پنهنجن ساهرن جي ڏاڍاين خلاف احتجاج ڪيو، جن ۾ هوءَ ناناٽن ڪي واهر ڪرڻ لاءِ دانهون ڪري ٿي. ٻئي دور ۾ جڏهن هوءَ هڪ آزاد رياست جي راڻي آهي ته حسن و عشق جا نغما ڳائيندي آهي، ۽ ٽئين دور ۾ جڏهن هن جي خاوند يوسف شاهه چڪ کي اڪبر بادشاهه جي حڪم سان گرفتار ڪري بنگال ۾ نظربند ڪيو ويو هو ته هوءَ هجر ۽ فراق ۾ تڙپندي رهي ۽ سترهن سالن تائين ڪشمير جي ماڙيءَ ۾ چرين جيان ڀٽڪندي ٿي وتي ۽ شعر چوندي رهي.

ڪشمير جي اديبائن ۽ شاعرائن مان روپه ڀواني سنسڪرت آميز ڪشميري ٻوليءَ ۾ صوفيانه شاعري ڪندي هئي، ۽ ارني مال، جيڪا ڪشميري پنڊتن جي خاندان مان هئي، حبه خاتون جيان درد ۽ سوز ڀريل غزل ۽ گيت لکيا. ارني مال شاعريءَ سان گڏوگڏ موسيقيءَ جي به ماهر هئي. هن پنهنجن ئي گيتن کي موسيقيءَ جي راڳن ۾ آڻي نئون حسن ۽ نکار پيدا ڪيو. نه معلوم ته پوءِ جي دور ۾ ڪشميري عورتن ۾ تخليقي ادب جو رجحان ڇو گهٽجي ويو.

تازوئي ڪشمير جي فاضل محقق محمد يوسف فاروقي رياض يونيورسٽي سعودي عربيه ۾ ايم. اي جو ضخيم مقالو پيش ڪيو آهي، جيڪو نندي ڪنڌ جي تفسيري رجحانات تي لکيل آهي. ان ۾ مقالہ نگار ڪشميري ٻوليءَ ۾ ٿيل قرآن شريف جي ترجمن ۽ تفسيرن تي پڻ بحث ڪيو آهي، جنهن ۾ مير واعظ محمد يوسف شاهه جي تفسير بيان القرآن، ميرڪ شاهه اندرابي جي تفسيرالقرآن، ضياالحق بخاري جي ترجمہ قرآن ۽ تفسير کان علاوه ڪيترن ئي نامڪمل ترجمن ۽ تفسيرن جي نشاندهي ڪئي آهي، ۽ منهنجو خيال آهي ته هن موضوع تي اڃا وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

اهڙيءَ طرح ادب جي ٻين شاخن ۾ پڻ ڪم ڪرڻ جي بيحد گهڻي گنجائش آهي. هيءَ پڻ بيحد خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته هاڻ ڪشميري علماءَ ۽ محققين ان طرف ڀرپور توجهه ڏيڻ شروع ڪيو آهي، تنهنڪري گذريل سال ڪشميري ٻوليءَ ۾ لکيل سيرت طيبه جي هڪ ڪتاب کي حڪومت پاڪستان طرفان انعام جو مستحق قرار ڏنو ويو آهي.

مون کي اميد آهي ته آزاد ڪشمير يونيورسٽي جي اداره ڪشمير شناسي جي اهتمام هيٺ تاليف ۽ تحقيق جو شعبو، ٻولين سيکارڻ جو شعبو ۽ ميوزم وغيره قائم ڪري ڪشميري ٻولي ۽ ثقافت جي اوسر ڪندڙن لاءِ وڌيڪ سهوليتون مهيا ڪيون وينديون.

آخر ۾ علامہ اقبال جي هڪ خط جو ذڪر ڪريان ٿو، جيڪو هن ڪشمير جي مشهور شاعر غلام احمد مهجور کي لکيو هو، جڏهن هو "تذڪره شعرائے ڪشمير" لکڻ جو ارادو ڪري رهيو هو.

علامہ صاحب لکي ٿو:

"مون کي هيءَ معلوم ڪري بيحد گهڻي خوشي ٿي آهي ته اوهان تذڪره شعرائے ڪشمير لکڻ وارا آهيو. مان ڪيترن ئي سالن کان اهو لکرائڻ لاءِ تحريڪ هلائي رهيو آهيان، مگر افسوس ته ڪنهن به ان طرف ڌيان نه ڏنو، خدا شال اوهان جي نيڪ ارادن ۾ برڪت ڏئي.

افسوس ته ڪشمير جو لٽريچر تباهه ٿي ويو. ان تباهيءَ جو باعث گهڻو ڪري ممڪن جي حڪومت ۽ موجوده حڪومت جي لاپرواهي، ساڳئي وقت ڪشمير جي مسلمانن جي غفلت آهي. ڇا اهو ممڪن نه آهي ته ڪشمير جي ماڻري جا تعليم يافته مسلمان هاڻي موجوده لٽريچر جي تلاش ۽ حفاظت لاءِ هڪ سوسائٽي قائم ڪن. منهنجو هيءُ عقيدو آهي ته ڪشمير جي قسمت عنقريب جاڳڻ واري آهي."

اداره ڪشمير شناسي جي قائم ٿيڻ سان ۽ آزاد جموں ڪشمير يونيورسٽي جي هن قدم سان يقيناً علامه اقبال جي روح کي تسڪين حاصل ٿي هوندي. مان آزاد جموں ۽ ڪشمير جي حڪومت جي صدر، وزيراعظم ۽ آزاد جموں ۽ ڪشمير يونيورسٽي جي وائيس چانسيلر ڊاڪٽر طاهر حسين صاحب کي هن عظيم ڪم جي آغاز تي هڪ ڀيرو وري مبارڪون ڏيان ٿو، ۽ اميد ڪريان ٿو ته هيءُ ادارو سڀني موضوعن تي تحقيق ڪرڻ لاءِ جتن ڪندو. هن اداري لاءِ هيءُ هڪ وڏو چئلينج آهي، هن چئلينج جو مقابلو ڪرڻو پوندو. اداره ڪشمير شناسي جي ڪلهن تي هڪ وڏو ڀاري بار رکيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ گهڻي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڪشمير شناسي جي سلسلي ۾ هڪ لائبريري قائم ڪرڻ جي ضرورت آهي. Documentation جي ضرورت آهي. ڪشمير شناسي تي ڪتابن جي ببليوگرافي Bibliography تيار ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڪشمير جي لوڪ ثقافتي ورثي تي تحقيق ڪرائڻ جي ضرورت آهي. ڪشمير جي تاريخ، ڪشميري ادب، ڪشمير جي تهذيب و تمدن، ثقافت، ڪشمير ۾ رهندڙ قوميتون، ڪشمير جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، ويس وڳا، هنر ۽ فن، ڪشمير جون نديون ۽ نالا وغيره وغيره تي تحقيق جي ضرورت آهي. ليڪن سڀ کان اهم ڳالهه هيءَ آهي ته ڪشمير جي متعلق هڪ اهڙو جامع ميوزم ٺاهيو وڃي، جنهن کي ڏسڻ سان يا ان جي هڪ جهلڪ پسڻ سان ڪشمير شناسيءَ جي متعلق سڀ معلومات اکيان اچي وڃي. مون کي اميد آهي ته ڊاڪٽر طاهر حسين جهڙي پُرڪشش، متحرڪ ۽ فعال وائيس چانسيلر جي رهنمائي ۽ نگرانيءَ ۾ هيءُ ڪم ترت ئي شروع ڪيو ويندو. آخر ۾ آءٌ پنهنجي ذاتي حيثيت ۾ ۽ پنهنجي يونيورسٽيءَ [علامه اقبال اوپن يونيورسٽي] طرفان اوهان صاحبن کي ۽ اداره ڪشمير شناسي جي سڀني ميمبرن کي هر قسم جي تعاون جو يقين ڏياريان ٿو ۽ اميد ڪريان ٿو ته هيءُ ادارو تمام جلد پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيندو.

(ترجمو: هدايت پريم)

---

### احمد بن سندي بن فروغ مطرز بغدادي:

بغداد ۾ رهندو هو. زبردست محدث هو. سن ۳۰۰هه (۹۱۲ع) ۾ وفات ڪيائين(۱).

### احمد بن سندي رازي:

ٽين صدي هجريءَ ۾ ٿي گذريو آهي. خراسان جي شهر "ري" ۾ رهندو هو. حديث جو عالم هو(۲)

### ابوبڪر احمد بن قاسم سيمابع معدل بغدادي:

چوٿين صدي جي حديث جي راوين مان آهي. ابن سندي جي ڪنيت سان مشهور هو. عدالت ۽ قضا ۾ شاهدن جي تعديل ۽ توثيق ڪندو هو، انهيءَ ڪري معدل سڏيو ويو(۳).

### ابوالفوارس احمد بن حسين سندي مصري:

"سندد يار مصر" جي لقب سان مشهور آهي. علم حديث جو وڏو عالم هو. سن ۳۴۹هه (۹۶۰ع) ۾ وفات ڪيائين(۴)

### ابراهيم بن علي سندي بغدادي:

بغداد ۾ رهندو هو. حديث جو عالم هو. محمد بن عبدالله بن يزيد مصري کان روايت ڪئي اٿس(۵).

### اسلم بن سندي:

ابوالحسن بن علي بن حسن سبازي بخاري کانئس حديثون روايت ڪيون آهن(۶).

### ابو ابراهيم اسماعيل بن سندي الخلال بغدادي:

سُرڪو ناهيندو ۽ وڪڻندو هو، انهيءَ ڪري "الخلال" مشهور ٿيو. بغداد جي "الشام" محلي ۾ رهندو هو. ٽين صدي هجريءَ جي وڏن محدثن مان هو(۷).

### اسماعيل بن عيسيٰ بن فرخ سندي(۸):

### موليٰ بن لقيطن(۹):

### اسماعيل بن محمد بن رجاء سندي نيشاپوري(۱۰):

### حبيش بن سندي بغدادي:

حضرت امام احمد بن حنبل جي شاگردن مان هو ۽ ان کان حديث پڙهي هئائين(۱۱).

### ابو محمد خلف بن سالم سندي بغدادي:

مشهور حديث جو حافظ هو. آل مهلب جو غلام ٿي سنڌ مان عراق آيو ۽ ڪوفي ۾ رهيو. اتي ئي حديث جي تعليم حاصل ڪيائين. ڪوفي کان بغداد ۾ آيو ۽ "مجزم" محلي ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. سندس حديث جا استاد هئا: يحيٰ بن سعيد قطان، ابوبڪر بن عياش، هشيم بن بشير، سعد بن ابراهيم بن سعد، يعقوب بن ابراهيم، محمد بن يعقوب غندر، وهب، عبدالرحمان بن مهدي،

---

(۱) کان (۱۱) تائين، هندستان مين عربون کي حڪومتين، ص ۱۵۴ کان ۱۵۵.

### ابوالحسن محمد بن عبدالله سنڌي بصري:

بصري ۾ رهندو هو. ٽين صدي هجري جو محدث آهي(١).

### ابوالقاسم منصور بن محمد سنڌي اصفهاني:

چوٿين صدي هجري ۾ ٿي گذريو آهي. اصفهان ۾ رهندو هو(٢).

### ابو محمد موسيٰ بن سنڌي جرجاني بڪرآبادي

ٽين صدي هجري ۾ ٿي گذريو آهي. جرجان جي مشهور حديث جي راوين مان هو.

### ابو محسن نصرالله بن احمد بن قاسم بن سيما سنڌي

حديث جي عالمن مان هو. بغداد ۾ رهندو هو. سنه ٤٣٣هه (١٠٤١ع) ۾ وفات ڪيائين(٣)

### هبته الله بن سهل سنڌي اصفهاني

محدث هو(٤).

### ابو جعفر سنڌي

حديث جي راوين مان هو. ٽين صدي هجري ۾ ٿي گذريو(٥).

### يزيد بن سنڌي

فاطمي دور ۾ مصر ۾ ڪيس وڏي اهميت حاصل هئي. ڪاتب الحڪم يعني فيصله نويس هو(٦).

### علي بن عبدالله بن سنڌي

چوٿين صدي هجري جو مشهور محدث هو. محمد بن عيسيٰ عبدالڪريم تميمي طرسوسيءَ بغداد ۾ کانئس "مجموعه فضائل طرطوس" جي روايت ڪئي(٧).

### علي بن اسماعيل سنڌي شيعي

رجال ۾ ان جو مختصر تذڪرو موجود آهي. نصر بن صباح ان جي توثيق ڪئي آهي، ۽ ٻڌايو آهي ته ان جو والد اسماعيل سنڌي جي لقب سان مشهور هو(٨).

### ابوالحسن مخلص بن عبدالله الهندي الصوفي

هي محمد بن اسماعيل اليعقوبي القاضي جو آزاد ڪيل غلام هو. طبيعت جو صالح ۽ بااخلاق هو. پنهنجي آقا سان گڏ عراق، حجاز ۽ اهواز جو سفر ڪيائين. بغداد ۾ الشريف ابونصر، الفوارس ۽ محمد بن رزق الله عبدالوهاب التميمي کان، بصري ابوعلي علي ابن احمد بن علي، ابوالقاسم عبدالملڪ الحافظ، ابو يعلي احمد بن محمد بن ابوالحسن العبدي کان ۽ اصفهان ۾ انهيءَ طبقي جي ماڻهن کان روايتن جي سماع جو شرف حاصل ڪيائين. ابو سعيد کانئس توشنج ۽ هرات ۾ حديثون ٻڌيون. سنه ٥٤٢هه يا ٥٤٣هه ۾ وفات ڪيائين(٩).

---

(١) کان (٨) هندستان مين عربون کي حڪومتين، ص ١٥٥.

(٩) رونداد معارف اسلاميه، ص ١٧٨ ۽ ١٧٩.

## خلف بن محمد ديبلي بغدادي

هن ديبل ۾ علي بن موسىٰ ديبليءَ کان حديث جي تعليم حاصل ڪئي. ديبل کان بغداد ويو، جتي حديث جو درس ڏيندو هو. بغداد ۾ ڪانئس ابوالحسن بن الجندي (وفات ۳۹۹هه) ۽ احمد بن عمير کان حديث جي تعليم حاصل ڪئي. سنه ۳۶۰هه (۹۲۰ع) ۾ وفات ڪيائين(۱)

## ابوبڪر احمد بن محمد هارون حربي ديبلي رازي

سنه ۲۷۵هه ۾ ديبل ۾ تولد ٿيو. ديبل مان "ري" هليو ويو ۽ "الرازي" جي نالي سان مشهور ٿيو. بغداد ۾ امام جعفر بن محمد فاريابي (وفات ۳۰۱هه) ۽ ابراهيم بن شريڪ ڪوفي وغيره کان حديث جي روايت ڪيائين. قرآن مجيد جي تعليم حسنون بن هشيم کان ۽ قرائت امام عاصم ڪوفيءَ کان حاصل ڪيائين. بغداد جي پسگردائيءَ ۾ "حربيه" ۾ سڪونت اختيار ڪيائين، انهيءَ ڪري "الحربي" سڏيو ويو. سندس شاگردن مان احمد بن علي البادا (وفات ۴۲۰هه)، ابو علي بن دوما النعاليٰ (۴۳۱هه) ۽ قاضي ابواللياٰ واسطي (وفات ۴۳۱هه) جا نالا قابلِ ذڪر آهن. سنه ۳۷۰هه (۱۰۸۰ع) ۾ وفات ڪيائين(۲).

## ابو محمد حسن بن حامد ديبلي بغدادي

هو محدث ۽ تاجر هو، ان سان گڏ اديب ۽ شاعر به هو. تجارت جي سلسلي ۾ ڪيترن ئي ملڪن جو سير و سفر ڪيائين. آخر بغداد ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. وڏو دولتمند هو ۽ وڏي شان مان سان رهندو هو. سندس علم و ادب سان دلچسپيءَ جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو ته عربيءَ جو مشهور شاعر المتنبي جڏهن بغداد ويو، ته وٽس مهمان ٿي رهيو.

هو انسان دوست، عالمن ۽ اديبن جو قدردان هو ۽ ثقافتي سرگرمين ۾ فراخدليءَ سان حصو وٺندو هو. بغداد ۾ درب الزعفراني ۾ غريبن لاءِ هڪ سراءِ تعمير ڪرايائين، جيڪا سندس نالي پٺيان "سراءِ خان ابن حامد" جي نالي سان مشهور ٿي.

حديث جو علم هن علي بن محمد بن سعيد الموصلي (وفات ۳۵۹هه)، محمد النقاش (وفات ۳۵۱هه) ۽ ابو علي المتري (وفات ۳۶۰هه) کان حاصل ڪيائين. حديث سان محبت جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو جو حديث روايت ڪرڻ وقت سندس اکين مان ڳوڙها وهندا هئا. حديث ۾ سندس قابليت جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو، ته حديث جو درس ڏيڻ مصر ۽ دمشق ويو.

مصر ۾ محمد بن علي صوري ڪانئس حديث جي روايت ڪئي. سنه ۴۰۰هه (۱۰۰۹ع) ۾ وفات ڪيائين(۳).

---

(۱) روئداد، ص ۱۷۵

(۲) روئداد ۽ عربون ڪي حڪومتين، ص ۱۶:

(۳) ايضا.

## ابوالقاسم شعيب بن محمد بن احمد ديبلي

هو ابو قطمان جي نالي سان وڏيڪ مشهور هو. ديبل کان مصر ويو ۽ اتي حديث جو درس ڏيڻ شروع ڪيائين. سندس شاگردن مان ابو سعيد بن يونس جو نالو قابلِ ذڪر آهي (١).

## علي بن احمد بن محمد ديبلي

مقريءِ شام ابو عبدالله ديبليءَ جو ڏوهٽو هو. حديث ۾ ابو العباس الاصم ۽ ابو عبدالله بن احمد بن موسيٰ ديبلي وغيره کان روايت ڪيائين. سندس تصنيفن مان ڪتاب ادب القضاءِ قضا جي مسئلن تي نهايت اهم ڪتاب آهي. شافعي مسلڪ جو هو ۽ ٽين صدي هجري ۾ ٿي گذريو (٢).

## علي بن موسيٰ ديبلي

چوٿين صدي هجري جي وڏن محدثن مان هو ۽ "العالم المحدث" جي لقب سان مشهور هو. پنهنجي شهر ديبل ۾ حديث جو درس ڏيندو هو. ان کان سواءِ بغداد ۾ وڃي بہ حديث جي روايت ڪيائين. ديبل ۾ شيخ خلف بن محمد موازيني ديبلي کانئس حديث جي روايت ڪئي (٣).

## ابوبڪر محمد بن حسين بن محمد ديبلي شامي

چوٿين صدي جو مشهور قاري مقري هو. ديبل مان شام ۾ وڃي مستقل سڪونت اختيار ڪيائين. امام هارون اخفش جي ٻن شاگردن: ابن ابي حمزه ۽ ابن ابي داؤد کان قرائت جي تعليم حاصل ڪيائين. کانئس امام حافظ ابوالحسن علي بن عمرودار قاضي ۽ عبدالباقي بن حسن حديث جي روايت ڪئي (٤).

## ابوعبدالله محمد بن عبدالله ديبلي شامي

عالم فاضل ۽ اولياءالله هو. زبردست قاري ۽ مقري بہ هو. جعفر بن محمد بن سقيط، عبدالرزاق بن حسن ۽ سڪن بن بڪرويه کان تعليم حاصل ڪيائين. ابن جوزي صفة الصفوه ۾ سندس ذڪر ڪيو آهي. ٽين صدي هجري ۾ ٿي گذريو. شام ۾ مستقل سڪونت اختيار ڪيائين (٥).

## منصوره

هي شهر عربن سنہ ١١٠هہ (٧٢٨ع) ۽ ١٢٠هہ (٧٣٧ع) جي وچ ۾ آباد ڪيو. عرب حڪمران گهرائي هباري جي زماني ۾ هن شهر هر لحاظ کان ترقي ڪئي. علمي سرگرمين جو بہ وڏو مرڪز هو. ابن حوقل ۽ المقدسي هن شهر جي رونق، خوشحالي ۽ علمي درسگاهن جي تعريف ڪئي آهي. هتي جي ئي هڪ عالم قرآن مجيد جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو. هتي باقاعده درسگاهون هيون، جتي عالم ۽ محدث درس ڏيندا هئا. المقدسي منصوره جي قاضي ابو محمد جي تعليمي ۽ تدريسي سرگرمين جو ذڪر هنن لفظن ۾ ڪيو آهي:

---

(١) رونداد ۽ عربون ڪي حڪومتين، ص ١٦١.
(٢) ايضا
(٣) ايضا، رونداد، ص ١٧٥. (٤) ايضا. (٥) عربون ڪي حڪومتين، ص ١٦٢.

"هن جي درس جي مجلس آهي ۽ تصنيفون آهن. هو ڪيترن ئي سٺن سٺن ڪتابن جو مصنف آهي"(۱).

ڪتابن ۾ هتي جن عالمن جا نالا معلوم ٿين ٿا، انهن جو تعارف هن هيٺ ڏجي ٿو:

## قاضي احمد بن محمد داٶدي منصوري

هن بابت مقدسي جو بيان اچي چڪو آهي. پهريائين پنهنجي هڪ آزاد ڪيل غلام کان تعليم حاصل ڪيائين. پوءِ بغداد ويو، اتي جي عالمن ۽ محدثن کان حديث جي روايت ڪيائين. موٽي اچي منصوره جو قاضي ٿيو. حديث جي داٶدي مسلڪ جو امام هو. ڪيترن ئي کانئس حديث جي روايت ڪئي. سندس ذڪر المقدسي، "احسن التقاسيم" ۾، سمعانيءَ "الانساب" ۾ ۽ ابو اسحاق شيرازي ڪيو آهي. المقدسي جو بيان آهي، ته منصوره جي آبادي زياده تر "اصحاب الحديث" تي مشتمل آهي. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سنڌ ۾ حديث جي علم جو ڪيڏو نه چاهه هو.

قاضي ابو محمد ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف هو، جهڙوڪ "ڪتاب المصباح ڪبير"، "ڪتاب احادي"، "ڪتاب السير" وغيره.

سمعانيءَ لکيو آهي:

"قاضي احمد بن محمد منصوري عراق ۽ فارس ۾ سڪونت پذير رهيو. سندس ڪنيت ابوالعباس هئي. امام دائود ظاهريءَ جي مسلڪ ۾ امام جي حيثيت رکندو هو. اثرم ۽ ان جي طبقي جي حديث جي صاحبن کان، حديث جي سماعت ڪيائين. هن کان وري امام ابو عبدالله حاڪم جهڙي حديث جي حافظ روايت ڪئي. قاضي ابوالعباس احمد بن محمد بن صالح تميمي منصوري منصوره جي رهاڪن مان هو. جن عالمن سان مون کي ملڻ جو اتفاق ٿيو، انهن کان هن کي سيني کان وڌيڪ شائسته ۽ سلجهيل ذهن ۽ فڪر وارو ڏٺم. هن فارس ۾ ابوالعباس بن اثرم ۽ بصري ۾ ابو روق هزانيءَ کان حديث جي سماعت جو شرف حاصل ڪيو. الحاڪم "المعجم" ۾ به سندس ذڪر ڪيو آهي. ابن نديم سندس احوال "المنصوري" جي عنوان هيٺ آندو آهي.

ان مان معلوم ٿيندو ته هن فارس ابوالعباس بن الاثرم (وفات ۳۳۶هه) کان ۽ بصري ۾ احمد الخزاني (وفات ۳۲۲هه) کان حديث جي تعليم حاصل ڪئي، جيڪو ابو روق جي نالي سان مشهور هو. بخارا ويو ته ابوالحاڪم (وفات ۵۰ءهه) کانئس حديث جو درس ورتو(۲).

## محمد بن ابوالشوراب

منصوره جو قاضي هو ۽ حديث جي علم جو وڏو عالم هو. سن ۲۸۳هه (۸۵۲ع) ۾ عراق مان لڏي اچي منصوره ۾ رهيو. عراق ۾ خاص طرح سان بغداد ۾ کيس وڏي قدر جي نظر

---

(۱) احسن التقاسيم، ص ۴۸۱، عربون جي حڪومتين، ص ۱۵۷.

(۲) روئداد، ص ۱۷۸.

مان ڏنو ويندو هو. ان جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو، تہ خود بغداد جو خليفو ۽ عباسي شهزادا سندس خدمت ۾ حاضر ٿي ڪانئس فيض حاصل ڪندا هئا. ڪانئس پوءِ سندس فرزند "علي" منصوره جي قضا جي منصب تي فائز ٿيو. سندس خاندان چوٿين صدي هجري جي شروعات تائين منصوره ۾ موجود هو(١).

### ابوبڪر احمد بن محمد بن منصوري بڪرآبادي

منصوره جو رهاڪو هو، پر پوءِ لڏي وڃي جرجان جي شهر بڪرآباد ۾ ويٺو. حديث جي روايت امام ابوبڪر اسماعيل ۽ حافظ ابن عدي ڪان ڪيائين. ٢٩ جماديالاول سن ٤٢٢هہ (١٠٣٠ع) تي وفات ڪيائين. سندس ذڪر حافظ ابوالقاسم "تاريخ جرجان" ۾ ڪيو آهي(٢).

### احمد بن جعفر بن مره منصوري

قرآن مجيد جو مستند قاري ۽ مقري هو. حسن بن المڪرم ڪان حديث جي تعليم حاصل ڪيائين. ڪانئس امام ابو عبدالله نيشاپوري روايت ڪئي. رنگ جو ڪارو هو(٣). ان مان ظاهر آهي تہ هو سنڌي نسل هو.

### ابو محمد عبدالله بن جعفر منصوري

مقري لقب هوس. قرآن حڪيم جي علم ۾ ڪيس مهارت حاصل هئي. حسن بن مڪرم وغيره ڪان حديثون پڙهائين. حاڪم سندس روايتون "مستدرڪ" ۾ ورتيون آهن(٤).

## بوقان

سنڌ جو هڪ شهر هو، جتي مسلمانن جي وڏي آبادي هئي. ان جي پرسان عباسي گورنر عمران بن موسيٰ برمڪي بيضاء نالي شهر آباد ڪيو. هماري دؤر ۾ هتي ڪيترائي عالم ۽ فاضل ٿي گذريا. خبر نٿي پوي تہ سنڌ ۾ هي شهر ڪهڙي هنڌ آباد هئا، ۽ هينئر انهن جا نالا ڪهڙا آهن يا ماڳهين ويران ٿي ويا. بهرحال "بوقان" جي جن عالمن جا نالا ملن ٿا، انهن جو تعارف ڏجي ٿو.

### ابوالمڪارم فضل الله بن محمد برقاني سنڌي

امام بغوي جو آخري شاگرد هو، جنهن ڪانئس روايت بالاجازه ڪئي آهي. امام ذهبي "تذڪرة الحفاظ" ۾ سندس ذڪر ڪيو آهي(٥).

---

(١) مروج الذهب: مسعودي، ج ١، ص ٣٧٧.
(٢) عربن ڪي حڪومتين، ص ١٦٤.
(٣) روئداد، ص ١٧٨.
(٤) نزهتہ الخواطر، ص ٦٧.
(٥) عربون ڪي حڪومتين، ص ١٦٤.

## محمد بن احمد بن محمد بن خليل بن احمد بوقاني:

امام ابوبڪر بن خلف شيرازيءَ کان حديثن جي سماعت ڪيائين. هن کان وري عبدالرحيم بن سمعانيءَ حديثون روايت ڪيون. سن ٤٦٧هه-(١٠٧٤ع) ۾ وفات ڪيائين. سندس ذڪر امام سبڪي "طبقات الشافيه" ۾ ڪيو آهي (١).

## محمد بن احمد بن منصور بوقاني:

امام بوقاني حاتم بن محمد بن حبان سبتي (وفات ٣٥٤هه) کان حديث جي روايت ڪيائين. امام ذهبي "تذڪرة الحفاظ" ۾ سندس ذڪر ڪيو آهي (٢).

## ابو سعيد محمد بن اسعد بن محمد بوقاني:

سندس لقب "سديد الدين" هو. امام غزاليءَ کان تعليم حاصل ڪيائين. سنه ٥٥٦هه-(١١٦٠ع) ۾ مشهد ۾ هڪ يلغار ۾ شهيد ڪيو ويو. امام سبڪي، "طبقات الشافيه الڪبريٰ" ۾ سندس ذڪر ڪيو آهي (٣).

# قديم دور جا صوفي بزرگ

ابو علي سنڌي: هي بزرگ تصوف ۾ مشهور صوفي بزرگ بايزيد بسطامي (وفات ٢٦١هه) جو استاد هو، يعني ٽين صدي هجريءَ جو بزرگ هو. بايزيد (ابو يزيد) بسطامي چوي ٿو ته مون ابو عليءَ کان فنا ۽ توحيد جو علم سکيو؛ ۽ ابو علي مون کان "الحمد" ۽ "قل هو الله احد". سندس ذڪر شيخ ابو نصر عبدالله بن علي بن سراج طوسي جي ڪتاب "اللمع" ۾ آيو آهي. نفحات ۾ به سندس احوال آيل آهي (٥).

ابو موسيٰ ديبلي: حضرت بايزيد بسطاميءَ جو مريد هو.

احمد بن سنڌي: وڏو عالم، فاضل، عابد ۽ زاهد هو. بغداد جي محلي "صداد" ۾ رهندو هو؛ انهيءَ ڪري کيس "صداد" سڏبو ويندو هو.

سنه ٣٥٩هه (٩٦٩ع) ۾ وفات ڪيائين.

---

(١) ۽ (٢) عربون کي حکومتين، ص ١٦٤.

(٣) اسلامي علوم اور فنون هندستان مين: مولانا حڪيم سيد عبدالحي (اردو ترجمه)، دار المصنفين اعظم ڳڙهه، ١٩٦٩ع، ص ١٩٥.

(٤) نزهته الخواطر ج ١، ص ٥٠ - نفحات الانس: مولانا عبدالرحمان جامي، اردو ترجمه، مدينه پبلشنگ ڪمپني ڪراچي، ١٩٨٢ع، ص ٢١٣-٢١٤ - ڪتاب اللمع: شيخ ابو نصر سراج، اردو ترجمه، اسلامڪ بڪ فائونڊيشن لاهور، ١٩٨٤ع - ادارهٔ معارف اسلاميه، پنجاب يونيورسٽي لاهور، جلد ١، ص ٩٣٢-٩٣٣.

سندس خاص شين ۾ مشڪ، ڪافور، عنبر، عود، ۽ قسم قسم جون خوشبوءِ بون آهن. انهن لاءِ جي ميرا آهن."
"۽ قسم قسم جا عطر، گلاب، سنبل، هاٿيءَ جا ڏند، ساڳ جي ڪاٺي ۽ خوشبودار صندل:
"۽ هتي پکين ۾ ڪلنگ، طوطو، مور ۽ ڪبوتر آهن، ۽ وڻن ۾ هتي ناريل، انب، آبنوس ۽ ڪارن مرچن جا وڻ آهن:
"۽ هٿيارن ۾ تلوارون آهن، جن کي ڪڏهن به ڪٽ نه چڙهندو آهي؛ ۽ اهڙا نيزا آهن، جو جڏهن اهي لرزش ۾ اچن ته سڄي فوج جي فوج لٽڏي وڃي."
"۽ هن ۾ توتيا، سڀ ڪان وڏي پهاڙ وانگر آهي؛ ۽ هتي شينهن، ببر، چيتا، هاٿي ۽ هاٿيءَ جا ٻچا آهن."
"جا بيوقوف ڪسان سواءِ ڪو ٻيو به هندستان ۽ ان جي خوبين جو انڪار ڪري سگهي ٿو؟"

سندس سٺ صفحن جو هڪ ڪتاب ابن نديم (۹۸۰ع) جي وقت تائين موجود هو(۱).

ابوالعطا سنڌي: عربيءَ جو مشهور شاعر ابو عطا به نسلاً سنڌي هو. پنهنجي پيءُ "يسار" سان گڏ، سنڌ مان غلام ٿي ويو. آخر عربي شاعريءَ ۾ ايڏو نالو ڪڍيائين، جو غلاميءَ مان به آزاد ٿيو. عربي شاعريءَ ۾ وڏو ڪمال حاصل ڪيائين. ابو تمام "الحماسہ" ۾ سندس شعر کي جاءِ ڏني آهي، جنهن ۾ هن خالص عربي شاعرن جو شعر ڏنو آهي. بنواميہ جو مداح هو، جتان کيس وڏا انعام اڪرام ملندا رهندا هئا. هڪ دفعي هڪ امير، سليمان بن سالم، وٽان "عطا" نالي هڪ غلام مليس، جو مٺي آواز سان شعر پڙهندو هو؛ انهيءَ ڪري سندس نالو "ابو عطا" پئجي ويو، نه ته سندس اصلي نالو 'افلح' هو. پڇاڙيءَ تائين سندس آچار نه سڌريا، انهيءَ ڪري عرب شاعر مٿس ٽوڪون ڪندا هئا، جنهن تي هي به سڌيون ٻڌائيندو هو. هي عباسي خاندان جي شروعات واري زماني تائين جيئرو هو. ڪيترن ئي عربي تذڪرن ۽ تاريخن ۾ سندس ذڪر آيو آهي، جن مان "ڪتاب الاغاني" (ج ٦، ص ٧٨) قابلِ ذڪر آهي.

عربي زبان جي مشهور اديب ابو تمام بن اوسا طائي (۱۸۸ھ – ۲۳۲ھ) جي مرتب ڪيل عربي شاعريءَ جي مشهور ڪتاب "ديوان الحماسہ" ۾ ابو عطا جو جيڪو شعر آيل آهي، انهن مان ڪجهه مصرعون نموني طور هت ڏجن ٿيون(۲).

۱– هوءَ آئي ۽ اسلام عليڪم چيائين، پوءِ اٿي بيٺي ۽ موڪلايائين. جڏهن ڪنڌ ڦيرائي هاڻ لڳي، ته ممڪن هو، ته منهنجو ساهه نڪري وڃي ها.

---

(۱) "الفهرست"، ص ۲۳۲.

(۲) ديوان الحماسہ، المڪتبہ السلفيہ، لاهور، ص ۲۲.

ڀر لشڪر چوان يا ڀر دريا چوان،
ڀر لشڪر ها يا ابر آتش فشان.
انهن گرم ٿي آتشِ ڪارِ زار،
جو تپ لرزه ٿيو در دلِ ڪوهسار.
ڀري ڀاهه وئي در دماغِ ڀلان،
جلي جنهن ۾ ويا پوست ۽ استخوان.
رسيو جنهن جي سر تي اجل جو پيام،
تنهن نوڙائي سر تن کي ڪيو ٿي سلام.
انهيءَ وقت سلطان کهاوڙ دلير،
ڪيا جنهن گهڻا ماري سرڪش بزير.
سدا زور تي پنهنجي مغرور هو،
وڏو پهلوانيءَ ۾ مشهور هو.
اچي پهتو جنهن وقت در دشت ڪين،
اتي بيهي لافون گزافون هڻين.
"سنڌ ناهه ڪو مٽ جو تنهن سان وڙهان.
اچي دل ڄهلي جي ڪو هوءِ پهلوان."

---

ڏٺو مير فتح علي خان دلير،
گدڙ آهه آيو ڍڪي چرم شير.
سندس مير کي نايون لافون پسند،
ڪري ان ڏي مُنهن چيائين بازهرخند.
"تون پنو هڻين لافون ڪئن دور تر،
وڏي آءِ لهان تان آءٌ تنهنجي خبر."
اٿين چٿي ڀوءِ ٿيو حملہ ور باشتاب،
جهلڻ حملي جو هو نه ڪنهن کي نه تاب.
ورايئين جڏهن ان تي تيغ دو دم،
عدو جو ٿي هيبت کان ويو بند دم.
ٿيو ان زخم کان زخمي او خيره سر،
وهي رت ڪيو منهن ۽ ڏاڙهيءَ کي تر.
جڏهن زخميو، ويس تڏهن تاب و توان،
غنيمت سلامت وڃي رهجي جان.

مير صاحب "شاهنامي" ۾ ڪيترين ئي اهم شخصيتن جو بہ ذڪر ڪيو آهي، جي وقت جا حاڪم، وزير، امير ۽ فوجي جنرل هئا. مير صاحب انهن شخصيتن جا اخلاق، خوبيون، طبيعتون، مزاج ۽ گفتگو وغيره الڳ الڳ انداز ۾ نهايت ئي سهڻي نموني ۾ بيان ڪيا آهن، جهڙوڪ

١- مير فتح علي خان ٽالپور.

٢- مير بهرام خان ٽالپور.

٣- راڄو ليڪي: ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جو صلاحڪار هو. هيءُ ميان سرفراز خان ڪلهوڙي جو بہ صلاحڪار ٿي رهيو.

٤- جعفر خان: لاڙڪاڻي جي ڪوسا قوم جو سردار هو. ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي ڪيس مارايو هو.

٥- مير خيرو خان ٽالپور: هيءُ مير بهرام خان ٽالپور جو ننڍو ڀاءُ هو.

٦- الهہ بخش ليڪي: راڄي ليڪيءَ جو ڀائٽيو هو. هيءُ مير صوبدار خان ٽالپور جي هٿان قتل ٿيو.

٧- حبيب نائچ: ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جو امير هو. مير صوبدار خان ٽالپور تلوار سان سندس ٽنگ وڍي هئي.

٨- غلام محمد لغاري: هوت خان لغاريءَ جو پٽ هو. هيءُ ميرن جو سائو هو. نواب ولي محمد خان لغاريءَ جو والد هو.

٩- تاجو ليڪي: راڄي ليڪيءَ جو پٽ هو. ڪلهوڙن تي سندس پورو پورو اثر هو. سن ١٧٨٢ع ۾ هالانيءَ جي جنگ ۾ ميرن جي هٿان مارجي ويو.

١٠- الهہ بخش جنجهڻ: ڪلهوڙن جو امير هو. هالانيءَ جي جنگ ۾ مارجي ويو.

١١- سيد عظيم الدين: ٺٽي جو ويٺل هو. مير غلام علي "مائل" جو سوٽ ۽ مير علي شير "قانع" جو ڀائٽيو هو. "فتح نامہ" فارسيءَ ۾ سندس تصنيف آهي.

١٢- محمد ابا خان: ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جو پٽ هو. ميان سرفراز خان کان پوءِ تخت تي ويٺو ۽ آخر قيد ٿيو. ڪيس ميان عبدالنبي خان ڪلهوڙي قتل ڪرايو هو.

١٣- عزت يار خان: قلات جو لوهڙيو هو. ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جو درباري هو.

مير حسن علي خان ٽالپور پنهنجي شعر ۾ اڪثر ڪري فارسي آميز سنڌي ٻوليءَ جو استعمال ڪيو آهي، جاڪاڻ تہ انهيءَ دور ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ فارسيءَ جو عنصر تمام گهڻو هو. مير صاحب ان اثر کان متاثر ٿي، سنڌي ٻوليءَ ۾ فارسيءَ جي تمام گهڻي ملاوت ڪئي آهي. مير صاحب پنهنجي شعر ۾ عربيءَ واري اضافت بہ ڪتب آندي آهي، يعني مضاف عربي تہ مضاف اليہ فارسيءَ وارو ڪتب آندو اٿس. شاعريءَ جي فني لحاظ کان اها ڳالهہ اصول جي خلاف آهي.

مثلاً:

سماعيل شاهہ هو ان جو پسر،

اهو بہ هو الولد سرالپدر(١٩٠)

# هاڪڙو دريا

(تاريخي ۽ تهذيبي جائزو)

محمد حسين "ڪاشف"

قديم تهذيب ۽ ثقافت جو جيترو سرمايو سنڌ جي سرزمين تاريخ کي ڏنو آهي، ايترو شايد دنيا جي ٻئي ڪنهن به حصي کي ڏنو هجي. ان جا بنيادي سبب ڪهڙا هئا؟ ڇا ابتدائي انسان جو سلسلو هن خطي کان شروع ٿيو يا دنيا جي ڪنهن ٻئي هنڌ هن جنم ورتو؟ يا دنيا جي جدا جدا حصن ۾ ان جي پيدائش ٿي، انهيءَ بحث جو تعلق انساني ارتقا جي موضوع سان آهي. اسان صرف هن وادي جي انهن علامتن کي ڏسنداسون، جن انساني آبادي جي وڌڻ، ويجهڻ ۽ ان جي ترقي ڪري تهذيب ۽ ثقافت جي منزل تي پهچڻ ۾ هن کي مدد ڏني. انهيءَ تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته دنيا جو هي خطو قدرت جي اڻ ڪٿ نعمتن سان مالامال آهي، جن جي ڪري تهذيب ۽ ثقافت جي قدرن هت جنم ورتو ۽ دنيا کي ان سان نوازيو. ثقافت جي انهيءَ اوسر ۾ سڀ کان گهڻو حصو مهراڻ جي موجن کي رهيو آهي. هي پوراڻي ندي پنهنجي پورن ۾ ڪڏهين هن خطي جي اوڀر کان وهي آهي، ته ڪڏهن ان کان ٿورو اورڀرو هن ننڍين دريائي ڦاٽن جي صورت اختيار ڪئي آهي. ڪنهن وقت هو ليرون ڪوٽ جي اوڀر ۾ هئي ته اڄ وري ان جي اولهه کان روان آهي. تاريخ جي مختلف دورن ۾ سنڌ ۾ وهڪرن جا نالا پڻ جدا جدا رهيا آهن. طبعي لحاظ کان سنڌو ماٿر حصن ۾ ورهايل هوندي به تهذيبي بنيادن تي هڪجهڙائي واري حيثيت رکي ٿي ۽ سڀني حصن ۾ اسان کي ساڳيو شعور نظر اچي ٿو.

سنڌو ماٿر ۾ دريائي وهڪرن جو سلسلو تاريخ جي اندر ايترو ته منجهيل آهي جو اڄ تائين ڪو به محقق ان مسئلي کي صاف طور تي سمجهائي نه سگهيو آهي. ڪن محققن جو رايو آهي ته لکين سال اڳ سنڌو ساگر جو وهڪرو اتر، اتر-اوڀر کان ڏکڻ، ڏکڻ-اولهه ڏانهن هو ۽ اهي وهڪرا ڪيترائي هئا، جيڪي رفته رفته ڦرندا رهيا؛ جن آخري طور اتر کان ڏکڻ جي شڪل وجي اختيار ڪئي، جنهن ۾ وڏو هٿ هن وادي جي زمين جي طبعي ڦيرگهير وارين حالتن جو رهيو آهي. سنڌو ماٿر ۾ انهن وهڪرن جي نشانن جي ايتري ته گهڻائي آهي جو انهن لاءِ محققن ۽ تاريخدانن جا پنهنجا پنهنجا ويچار آهن. اڄ به سنڌو جي وهڪرن جا ڪيترائي نالا اسان کي تاريخن ۾ ملن ٿا. ڪٿي هن کي ’درياءِ سيحون‘ ڪري

## ماخذ


١- سنڌ: ايچ. ٽي. لئمبرڪ، سنڌي ادبي بورڊ
٢- سنڌو سئو وير: گنگارام سمرات (انڊيا)
٣- واديءِ هاڪڙا: صديق طاهر
٤- سنڌو ماٿر جي سڀيتا: محمد ادريس صديقي، سنڌي ادبي بورڊ
٥- جنت السنڌ: مولائي شيدائي
٦- قديم سنڌ: ڀيرومل مهرچند آڏواڻي
٧- ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ: ايم. ايچ. پنهور، سنڌالاجي
٨- ٽماهي مهراڻ: سنڌي ادبي بورڊ (انٽرويو ڊاڪٽر بلوچ)نمبر ٣، سال ١٩٨٥ع
٩- امپيريل گزيٽيئر آف انڊيا: (پنجاب)
١٠- جرنل آف سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي: (مختلف پرچا)
١١- تهذيب ڪا ارتقا: سبط حسين
١٢- تاريخ ڪا مطالعه: باري مرحوم
١٣- تاريخ ريگستان: رائچند راٺوڙ، سنڌي ادبي بورڊ
١٤- ٿرائو پارڪر: منگهارام اوجها، سنڌي ادبي بورڊ
١٥- مختلف رسالا ۽ اپيائي نوٽ.




مهدويت جا ڪجهه آثار اسان کي اڄ سوڍ و سنڌ ۾ ملن ٿا. ڪراچيءَ جي ڀرارڙين ۾ لانڍي وٽ هڪ ننڍڙي بستي "ذڪري ڳوٺ" جي نالي سان موجود آهي(٢٢). ڪراچي جي "مهدوي ذڪر انجمن" شايد مهدويت جو سنڌ ۾ آخري نشان آهي(٢٣).

جن بزرگن سنڌ توڙي هند ۾ هن طريقي جي واڌاري تي نگاهه ٻڌي رکي آهي، انهن ۾ شيخ علي متقي جون ڪوششون نمايون آهن. هو مڪي ۾ رهندو هو ۽ چيو وڃي ٿو ته ابتدا ۾ مهدوي عقيدو قبول ڪيائين، پر بعد ۾ تمام جلد ان کي ڇڏي ڏنائين(٢٤). ان ڪان پوءِ هن مهدويت خلاف "البرهان في علامات المهدي" ۽ "الرّد المهدية" جي نالن سان ٻه ڪتاب پڻ لکيا(٢٥). هنن ڪتابن لکڻ وقت هو مڪي ۾ ڪجهه ناليرن سنڌي عالمن؛ قاضي عبدالله سنڌي(٢٦)، شيخ عبدالله متقي سنڌي بن سعد الله(٢٧)، قاضي عبدالله سنڌي ۽ سندس پٽ شيخ رحمت الله سنڌي(٢٨)، ۽ شيخ محمد طاهر پاٽڻي(٢٩)-جي صحبت ۾ ڏسجي ٿو.

## حاشيا ۽ حوالا

(١) اهو چئو ڪونهي ته انهن مائهن واقعي مهدوي طريقي کي ڇڏي ڏنو يا نه؟ "انصاف نامه" ۾ بيان ڪيل آهي ته جڏهن بيبي شڪر خاتون ۽ ٻين مائهن جو ميڙ گجرات موٽيو، تڏهن سيد محمد جي معتبر مريدن مان ميان نظام، جيڪو ساڻن گڏ هو، تنهن ٿورو اڳتي هلي انهن مائهن جي رقم جيڪا لڌي ٿيڻ لاءِ پٽڻ واسطي گڏ ڪري کيس ڏني هئائون، سا هو ڦٻائي ويو. جڏهن هن واقعي جي خبر سيد محمد کي پهتي، تڏهن پاڻ سندس تائيد ڪيائين، ڇو ته انهن مائهن سندس عقيدو ڇڏيو هو، سي ان وڙ جا لائق هئا (سيد محمد جي نظر ۾). "انصاف نامه" بهرحال ڳالهه کي منجهايو آهي، جڏهن هو لکي ٿو ته انهن مائهن عقيدو نه ڇڏيو، پر سيد محمد جو ساٿ ڇڏي پنهنجي ڪٽنبن ڏي گجرات وڃڻ چاهيائون ٿي (ڏسو: "هداية مهدية"، از ابو رجا شاهجهانپوري، ص ١٥٧، ڪانپور ١٨٦٧ع).

(٢) مير معصوم "تاريخ سنڌ" ص ٢٠١؛ رحمان علي "تذڪرة علماء هند" ص ١٦٦، لکنو ١٨٩٤ع؛ "نزهة الخواطر" جلد چوٿون، ص ٢٦٦؛ "تحفة الڪرام" ص ٣٥، ١٣٧ ۽ ١٣٨؛ "هداية مهدية" ص ٢٨.

(٣) "هداية مهدية" ص ٢٨، ١٣١ ۽ ٢٣٢.

--هي ڪتاب سيد قاسم سن ١٠١٦هه ۾ تيار ڪيو، جيڪو سيد محمد جو پڙپوٽو هو.

(٤) "هداية مهدية" ص ٢٨، ١٣٠ ۽ ١٣١؛ "تحفة الڪرام" ص ٣٥؛ "تذڪره علماء هند" ص ٢٠٥، "نزهة الخواطر" جلد چوٿون، ص ٣٢٣.

(٥) رحمان علي موجب انهن جو ڳاڻيٽو اٺ سؤ هو ("تذڪره علماء هند" ص ٢٠١.)

# کھاڻيون

—”او سنڌو! تون ستن سهيلين سان گڏجي وهين ٿي ۽ ساڃي ڪان ڪٻيا (ڪابل)، گومتي (گومل) ۽ ڪرهو (ڪرم) توسان گڏجي هلن ٿيون!

—”او سنڌو! تون شفاف، صاف ۽ چمڪندڙ امرت جهڙو پاڻي ڪٽي ميدان لتاڙين ٿي. او سنڌو! او مها سيناپتي! تنهنجي تيز رفتار جو منظر پر وقار ۽ شاندار گهوڙيءَ وانگر آهي!

—”او سنڌو! تون سوڀياوان راڻيءَ وانگر رٿ تي سوار آهين. ڀيون نديون گهوڙن وانگر تنهنجي رٿ ڇڪين ٿيون. تنهنجي ڪُلي ۾ سونيون ۽ سُندر مالهائون پيل آهن، جي توکي غنيمت جي مال وانگر هٿ لڳيون آهن. تو وٽ سونُ، ڪَڻڪ، اناج ۽ خوشبودار گل ڦل آهن. تنهنجي ڪَپن تي سُرها گل ۽ اوڀڙ آپڙن ٿا.

—”او سنڌو! او سوڀياوان! تنهنجي پوشاڪ لال ڪنوار وانگر گلن مان ٺهيل آهي. تنهنجي جواني، ديواني ۽ لافاني آهي.“

—رگ ويد




جناب سيد غوث علي شاھ صاحب، وزيراعليٰ سنڌ، حضرت سچل سرمست رحہ جي
١٦٥ عرس جي موقعي تي درازا شريف ۾ "سچل سرمست ڪلچرل ڪامپليڪس"
جو سنگ بنياد رکي رهيو آهي.